# سرسو

ڀهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن SRSO

ڇهه ماهي

# سرسو

جنوري 2013 کان جون 2013


اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)

(القرآن)

## سرسو جي اندر...


| | |
|---|---|
| - ايڊيٽر پاران .................................... | 2 |
| - چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام .................... | 3 |
| - چيئرمين جو پيغام .................................... | 4 |
| - مائرن جو عالمي ڏينهن .......... رخسانه رياض علي | 5 |
| سماجي ڪارڪن .......................... نثار پناڻ | 7 |
| - عورت جو هڪ روپ "ماءُ".............. سيده نازيه شاهه | 10 |
| - يونين ڪائونسل سطح تائين غربت گهٽايو پروگرام .... بخت علي ابڙو | 13 |
| - تنظيمي شعور ............................ سليم چنه | 20 |
| - دائيءَ جي تربيت حاصل ڪندڙ امام زادي .......... ساجد حسين ابڙو | 23 |
| - LSO الهرڪيو شيخ پاران ملهايل هنري ميلو.......... نصرت پروين گلال | 25 |
| - تصويري ڏيک ................................ | 27 |
| - ڪيسَ: هڪ تاريخي هنر .......... ثمينه برڪت علي | 31 |
| - بزرگن جي تنظيم ...................... جميل سومرو | 34 |
| ڪامياب زندگيءَ طرف هڪ وکَ ... شاهنواز منگي | 37 |
| - ماڻهو ۽ ماڻهپو ............................ نثار احمد | 39 |
| - تبديلي ............................ راحب علي ميرائي | 42 |
| - زرعي پهاڪا ............................ نثار پناڻ | 44 |
| - اميد: هڪ فعال ڪارڪن ................ صائمه راڄپر | 46 |
| - سرسو/ بروڪ جانورن لاءِ فلاحي ڪم.... نثار احمد | 48 |
| - تـرقـي.............................. يار محمد بوزدار | 52 |



### ايڊيٽر

**سيده نازيه شاهه**

اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

### ايڊيٽوريل بورڊ

**نثار احمد پناڻ**

پروگرام مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**رخسانه رياض علي**

سينيئر پروگرام مئنيجر G&D
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**زبير سومرو**

مئنيجر ايڇ.آر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

ڊزائننگ لي آئوٽ، ايڊيٽنگ ۽ ڪمپوزنگ:

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.



رابطي لاءِ آفيس

**سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**

بنگلو نمبر A-42 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، ائيرپورٽ روڊ سکر. فون: 071-5633516

SRSO

# ايڊيٽر پاران

بيمار صرف جسم ناهن ٿيندا، ذهن بہ ٿيندا آهن، مفلوج صرف عضوا ناهن ٿيندا، سماج بہ ٿيندا آهن ۽ خدا نہ ڪري تہ ڪو سماج، ڪو ملڪ يا ڪا قوم بيمار يا مفلوج ٿي پئي. جڏهن اسان دنيا جي تاريخ پڙهون ٿا تہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ سماج ۽ ملڪ ڪيئن ٺهيا، ڊهيا ۽ ڊٺل سماج وري ڪيئن ڪَرُ کڻي اٿيا ۽ دنيا ۾ نہ صرف پنهنجي حيثيت مڃرايائون پر انهن جي ڪيل ڪارنامن کي ڏسي دنيا جي ٻين معاشرن تمام گهڻا سبق سکيا ۽ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪيو. هميشہ اهو ڏٺو ويو آهي تہ بگڙيل حالتن جي ڪُک مان بهتر حالتون جنم وٺنديون آهن.

پاڪستان جي سموري تاريخ جو اڪثريتي دور ترقيءَ جي اهڙي تصور سان جڙيل رهيو جنهن جون پاڙون عوام ۾ کُتل ڪو نہ هيون، فيصلا عوام لاءِ ٿيندا هئا پر ٿيندا، انهن جاين تي هئا، جتي جي رهاڪن کي عوام ۽ عوامي مسئلن جي سرسري آگاهي تہ هئي، پر انهن مسئلن جي گهرائيءَ، انهن جي سبب ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ واسطي عوامي طاقت ۽ صلاحيتن جي استعمال جي ذري برابر بہ خبر نہ هئي. اهو ئي سبب هو تہ ترقيءَ جا اهڙا سمورا دور عوامي شموليت کان خالي رهيا ۽ آخر ۾ اها سموري ترقي بيٺل پاڻيءَ جي ڏُٻي وانگر ڏپ ڪري وئي. سماجي ترقيءَ جي فلسفي جا ماهر ان ڳالهہ ۾ يقين رکندا آهن تہ ترقيءَ جي مرحلي ۾ جيستائين سماج جو هر هڪ فرد پنهنجين پنهنجين صلاحيتن کي شامل نہ ڪندو تيستائين وڏي پئماني تي جٽادار ترقيءَ جو خواب شرمندهءِ تعبير ٿئي اهو ممڪن ئي ناهي. هر مسئلي جو ڪو نہ ڪو حل ضرور هوندو آهي، ڪي مسئلا جلد حل ٿي ويندا آهن تہ ڪي مسئلا گهڻو وقت طلبن ٿا، ۽ انهن جو حل ڊگهي مدت تائين ممڪن هوندو آهي. جڏهن انساني سماج جي منجهيل سُٽ کي سلجهائبو آهي تہ پوءِ اتي سماجي مسئلن جي حل لاءِ مختلف حڪمتِ عمليون ڪتب آڻبيون آهن:

ڳاءِ تہ ڳايون، ڳائي جيڪر ڪين سگهو ٿا، ويهہ تہ ڳالهايون،
ڇِپي ڇِپي اونچي سَچ جو، سورج چمڪايون،
سورج چمڪي جي نہ سگهي تہ ڏيئا ٽمڪايون...

اسان پنهنجي رسالي ۾ سرسو جي اهڙين ئي حاصلاتن ۽ پيشقدمين کي، ماڻهن آڏو آڻيندا آهيون، جيڪي سماجي سطح تي بلڪل هيٺين پئماني تي رونما ٿينديون آهن. سرسو جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هن وقت تائين سرسو جي پليٽ فارم تان مختلف دورن ۾ وڏي ۽ ننڍي پئماني تي جيڪي بہ ڪم ٿيا آهن جن جو سنئون سڌو واسطو سنڌ جي پنڌي ٻيل ٻهراڙين ۾ رهندڙ عام ماڻهن سان آهي، انهن کي اسان هن رسالي ذريعي پنهنجن پڙهندڙ تائين آڻيندا آهيون تہ جيئن اسان جي ماڻهن کي خبر پوي تہ تبديلي هيٺين سطح کان ايندي تہ پنهنجون پاڙون مضبوطيءَ سان جهلي سگهندي.

آخر ۾ هميشہ وانگر اها اميد ٿا ڪيون تہ هر اهو ڪم جيڪو نيڪ نيتي ۽ من جي سچائيءَ سان سرانجام ڏجي اهو پنهنجي منزل ضرور ماڻيندو ۽ اسان کي سنڌ جي پنڌي ٻيل ماڻهن جي صلاحيتن تي مڪمل ڀروسو ۽ يقين آهي تہ انهن جون محنتون هڪ ڏينهن رنگ لائينديون. هميشہ جيان هن ڀيري بہ هن رسالي متعلق اوهان جي راءِ ۽ تنقيد کي کُليءَ دلي سان قبول ڪبو.

سيده نازيہ شاهہ

# پيغام

ڀلاري ڀُونءِ جي خوشحاليءِ جا خواب ڏسڻ ۽ انهن کي ساڀيان جي شڪل ڏيڻ لاءِ جنهن دورانديشي، فڪر، سمجهه، جرئت، همت، بهادري، پيشقدمي ۽ رٿابندي لاءِ هڪ جامع حڪمتِ عملي سان گڏ ڏگهي ۽ مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. سرسو 2003ع کان حڪومتِ سنڌ جي تعاون سان ترقيءِ جي انهيءِ فلسفي کي سنڌ جي شهرن، وستين، واهڻن ۽ ڳوٺن ۾ موجود پنهنجن ماروئڙن جي در تائين پهچائڻ ۾ ڏينهن رات ڪوشان رهي آهي ۽ ساڳيو ئي عزم رکي انهيءِ سفر کي جاري رکڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي، ڇو ته اسان جو اهو ايمان آهي ته ترقي هڪ اهڙي تبديلي آهي جنهن کي مسلسل عمل جي ضرورت آهي.

جيئن هڪ ننڍو ٻار جمڻ کانپوءِ آهستي آهستي رڙهڻ، ٻانبڙا پائڻ، سهارا وٺي هلڻ، ڪرڻ، ڌڪ کائڻ ۽ وري اٿي هلڻ سکندو آهي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو آهي جو هو ڊوڙون پائيندو آهي، بلڪل اهڙي طرح سماج جي تبديلي ۽ ترقيءِ لاءِ جاکوڙيندڙ ادارا به وقت گذرڻ سان گڏ تجربن جي بنيءِ ۾ پچندي وڏيڪ سگهارا، بهتر ۽ مضبوط ٿيندا آهن ۽ جڏهن پنهنجن پيرن تي بيهندا آهن ته پوءِ اهي علمبردار بڻبا آهن انهن بي سهارا ۽ زندگيءِ جي بنيادي سهولتن کان محروم ماروئڙن جا جن کي ٻانهن اونداهيءِ ۾ روشنيءِ جي ضرورت هوندي آهي ۽ جن کي غربت جي ڏُهڻ مان نڪرڻ لاءِ هڪ مضبوط سهاري جي ضرورت هوندي آهي. پنهنجي پيل ٻهراڙين ۾ ترقيءِ جي اَلم کي اونچو ڪري ڪم ڪرڻ هماليه جبل تي چڙهڻ کان به وڏيڪ ڏکيو ڪم آهي ۽ خاص ڪري سياسي، سماجي ۽ هر حوالي سان سنڌ جي بگڙيل ۽ ناسور ۾ جڪڙيل حالتن ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عام ماڻهن سان ڪم ڪرڻ جن جي اڪثريت ڪڏهن اسڪول نه وئي هجي، جن جي اڪثريت ڪڏهن به ويلا پيٽ ڀري ماني نه کاڌي هجي، جن جي اڪثريت جا معصوم ٻارڙا سردي توڙي گرميءِ ۾ پيرن ۾ جُتي پائڻ کان به محروم هجن ۽ ٻارنهن ئي مهينا تار تار ڪپڙن سان پنهنجي تن کي ڍڪيندا هجن، جتي هرسال آفتون ايندڙيون رهن. جتي فصل بلڪل ڪمزور پيدا ٿين ۽ ڌرتيءِ ڌٽين جون گُنديون اَنَ کان خالي هجن، جتي چوپائي مال جي ڪَکِ سائي ستابي نه هجي، جت فرد، گهر ۽ ماحول عام بيمارين کان به محفوظ نه هجن، اهڙي زمين تي ترقيءِ جا ٻج پوکي سلَن مان ٻوٽا ۽ ٻوٽن مان وڻ اپائڻ واقعي به جوکم جو ڪم آهي.

سماجي ترقيءِ جي فلسفي سان جڙيل ماڻهن جو اهو ايمان آهي ته حالتون ڪٿي ڪيتريون به ڳنڀير ڇو نه هجن، ترقيءِ جون راهون ڀل ڇو نه ڪنڊن سان ڀريل هجن ۽ منزل ڪٿي ڪيتري به ڏُور ڇو نه هجي پر اسان جا حوصلا ڪڏهن به پَست نه ٿيندا ۽ سنڌ جي ترقيءِ ۽ ساڀيان جا جيڪي خواب اسانجي اکين ۾ سجيل آهن تن اسان جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون آهن ۽ اسان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءِ جي منزل ماڻڻ تائين پنهنجي جدوجهد عزم ۽ ولولي سان جاري رکنداسين ۽ سنڌ جي ماڻهن جي قسمت کي تبديل ڪرڻ لاءِ وسان نه گهٽائينداسين. ماروئڙن جي سڏ ۾ سڏ ملائينداسين.

**محمد حنيف چنه**
چيف ايگزيڪٽو آفيسر
سرسو هيڊ آفيس سکر.

# پيغام

اسان جو معاشرو هن وقت ترقيءَ جي جنهن ڏاڪي تي بيٺل آهي، سا تہ صرف شروعات آهي. هتي ترقيءَ جو مطلب ترقي يافتہ ملڪن اندر سائنس، ٽيڪنالاجي، معاش ۽ طاقت جي تيزي سان بدلجندڙ تصور بابت آهي. هاڻ تہ جنگيون بہ ويهارو سال اڳ واري بوسيده طريقي سان نہ پيون وڙهجن، اڳ ۾ حالتون ڏهاڪن ۽ سالن پڄاڻان تبديل ٿينديون هيون پر هاڻ تہ هر منٽ جي هر سيڪنڊ ۾ ڪا نہ ڪا تبديلي خوشبو بڻجي دنيا کي مدهوش ڪري ڇڏي ٿي. چون ٿا تہ جيڪا ٽيڪنالاجي اسان استعمال ڪندا آهيون سا ترقي يافتہ ملڪ ڏهہ ويهہ سال اڳ استعمال ڪري بيڪار ڪري ڦٽو ڪندا آهن. دنيا اندر تعليم جو تصور مڪمل طور تي تبديل ٿي چڪو آهي ۽ ٻار کي تعليم، ان جي سوچ ۽ نفسيات کي مدنظر رکي ڏني وڃي ٿي ۽ اها ان انداز سان ڏني وڃي ٿي تہ جيئن ٻار جون جسماني، ذهني، سماجي ۽ روحاني صلاحيتون وڏي پئماني تي ۽ وڌيڪ بهتر طريقي سان اجاگر ٿين. پر اسان وٽ اڄ بہ ٻار کي هڪ انسان سمجهڻ بدران جانور وانگر تصور ڪندي پڙهائبو آهي ۽ ٻار لاءِ عجيب تصور جڙيل آهن جيئن: "مار - ٻار جي سنوار"، "ٻار مُڇ جو وار، جاڏي ورائيس تاڏي وري"، اسان جنهن سماج جو حصو آهيون اتي ترقيءَ جو جديد تصور تمام مشڪل نظر پيو اچي.

چوتہ درد اسان جي سماج جو هڪ اهڙو دائمي حصو ٿي پيو آهي جنهن کان جان ڇڏائڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي پئجي آهي، جي اسان هاڻ بہ انهن سماجي برائين جي درد مان پنهنجي جان آجي نہ ڪرائي تہ پوءِ پڪ سان اهو درد اسان جي سماج کي ڪنهن مَهَا مَاري وانگر ڪائي چٽ ڪري ويندو. تنهن ڪري هي وقت آهي تہ اسان پنهنجين صلاحيتن کي ڀرپور استعمال ڪيون ۽ سماجي برائين ۽ بڇڙاين مان جان ڇڏائڻ لاءِ وَڙ ڪنجي ۽ هڪ فعال ڪارڪن بڻجي ترقيءَ ۽ تبديليءَ جي ميدان ۾ ڪاهي پئون. هاڻ سخت ضرورت ان اَمر جي آهي تہ اسان پنهنجي سماجي دردن کي پنهنجي سگهہ ۽ طاقت بڻايون ۽ پنهنجين ڪمزورين کي پنهنجي پيرن جي خاڪ سمجهي ان کي هڪڙي ئي جهٽڪي سان اڏائڻ جو عزم اندر ۾ سانڍي عملي ميدان ۾ لهي پئون. اسان سمجهون ٿا تہ سنڌ کي هڪ ڏگهي ۽ سنجيده جدوجهد جي ضروروت آهي ۽ اها جاڪوڙ جيستائين اسان جي سماج جو هر هڪ فرد نہ ڪندو، تيستائين اسان اجتماعي طور تي ڪنهن بہ وڏي تبديلي لاءِ راهہ هموار نہ ڪري سگهنداسين. اسان کي هڪ ٿيڻو پوندو، اسان کي بهتر ٿيڻو پوندو، اسان کي پنهنجين ڪمزور حالتن ۾ رهندي ئي وڌيڪ مضبوط ٿيڻو پوندو، اسان کي معياري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي، اسان کي بچت ڪرڻي پوندي، اسان کي پئسي جو صحيح استعمال ڪرڻو پوندو، اسان کي عورتن جي صلاحيتن کي مثبت انداز سان استعمال ڪندي سماجي طور تي انهن کي اڳتي وڌڻ ۽ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جا موقعا ميسر ڪري ڏيڻا پوندا، اٽلڪ، لڳاتار ۽ مسلسل جدوجهد ئي اسان ماڻهن جي تقدير بدلائي سگهي ٿي ۽ انهن سمورن ڪمن ۾ سرسو اوهان سان وک وک تي گڏ آهي. اچو تہ اسان پائدار ترقيءَ واسطي پنهنجا خواب سنڌ جي زمين ۾ پوکيون ۽ اسان جو ايمان آهي تہ سنڌ جي زمين اسان جي خوابن جي ساڀيان لاءِ هڪ زرخيز زمين ثابت ٿيندي، جنهن جي ڪُک مان جڏهن اسانجن خوابن جا سَلا ڦٽندا تہ اهي هڪ ڏينهن ميويدار وڻ ضرور بڻبا.

**فضل الله قريشي**
چيئرمين
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

# مائرن جو عالمي ڏينهن

رخسانه رياض علي

ماءُ دنيا جي سڀ کان وڏيڪ احترام لائق بي غرض ۽ سچي محبت جي مورت آهي. الله پاڪ جي خلقيل عظيم هستي جيڪا پنهنجي رشتي جو ماڻ رکڻ لاءِ ڪابه ڪسر نٿي ڇڏي. هن جي محبت آڏو دنيا جي هر شيءِ بي معنيٰ ۽ مقصد آهي. ماءُ پنهنجي وجود مان نئين وجود کي جنم ڏيئي ڪائنات جي بقا جي ضمانت ڏئي ٿي. هوءَ پنهنجي رڳ رڳ ۾ پيار ۽ پاٻوهه رکي ٿي. ماءُ جي دعا انسان کي اڏي ڇڏي ٿي. ماءُ جي ٿورن کي لاهڻ لاءِ هزار جنم به ٿورا آهن.

امڙ جي محبت جو ڪوئي مٽ ۽ ثاني نه آهي. هن جي ماڻ ۽ مڃتا لاءِ جيترو به چئجي اهو تمام گهٽ آهي، چوته ماءُ جي اندر ۾ ئي ٻار جو انگ انگ جڙي ٿو. هن جي دل ۾ احساس پريا وڃن ٿا ۽ سندس وجود مڪمل ٿئي ٿو. ان ڪري ماءُ جو ماڻ ۽ مرتبو ايڏو ته اعليٰ ۽ مقدس آهي جو سندس نالي "ماءُ" تان سڀ ڪجهه نثار ڪري سگهجي ٿو. انسان کي زندگيءَ جا پهريان سبق ماءُ جي جهوليءَ ۾ ئي ملندا آهن ۽ دنيا جي مشڪلاتن کان سڀ کان پهريان امڙ ئي بچائيندي آهي. ماءُ پنهنجي اولاد کي ننڍپڻ ۾ سيني سان لائي، ٻاتا ٻول سيکاري ۽ ننڍڙا قدم کڻائي ٿي ۽ ان جي آرام لاءِ پنهنجون ننڊون ڦٽائي ٿي، ۽ هر اها قرباني ڏيڻ لاءِ سدائين تيار رهندي آهي، جنهن سان سندس ٻچڙو خوش ۽ سُکيو رهي.

محبت جو معراج ماءُ جوئي مقدر بڻيل آهي. ان ڪري جو سندس سيني ۾ هميشه بي غرض ۽ بي انتها محبت جو سمنڊ موجود رهي ٿو. ماءُ جي موجودگي ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جيان آهي، جيڪا ٿڌي ڇانوَ جو احساس ڏياريندي آهي. اسان کي گهرجي ته زندگيءَ ۾ هر موڙ تي امڙ جي لازوال مهربانين جا ڳيچ ڳائيندا رهون. ماءُ جي سهڻي صورت کي دل ۾ سانيهي سندس جي خدمت ڪندا رهون. امڙ جي خوشيءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪندا رهون جيڪو سندس وٽي. ان کان پهريان جو اسين يتيم ٿي وڃون ان کان اڳ سندس جيئري ئي تمام گهڻي قدرداني ۽ خدمت ڪريون ته جيئڻ زندگي آسان ٿي پوي.



هر سال جيان هن سال به مئي مهيني ۾ "مائرن جو عالمي ڏينهن" ملهايو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ سرسو ڊسٽرڪٽ خيرپور ۽ صنفي ترقيءَ جي شعبي پارن "سچل آڊيٽوريم" خيرپور ۾ مائرن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ هڪ پروگرام ترتيب ڏنو ويو پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، تنهن بعد لطيف سائين جو هي شعر پڙهي مائرن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

پيـــــاري پــولــي، مـــاءُ جـــي لـــولـــي،
محبت، امن، ادب جي جهولي ماءُ جي لولي،
ديـــن دنـيـــا جـون پـلايون ان جي هنج ۾،
اولاد لاءِ دعـــــا جـــــي جـــهـــولـــي.

رخسانه رياض علي آيل مهمانن جو آڌرياءُ ڪيو، ان کان پوءِ هڪ ٽيبلو پيش ڪيو ويو ۽ مائرن کي ماڻ ڏيندي ڪين تحفا پڻ ڏنا ويا. انهيءَ دوران هڪ فعال ڪارڪن اسمه پنهنجي تقرير ڪندي چيو ته ماءُ خدا تعاليٰ طرفان انمول تحفو آهي، جنهن جي دعا سان جنت جا در کلي ٿا پون. ماءُ هڪ محبت جو ثمر آهي. سندس جي خدمت زندگي کي آسان بڻائي ٿي. تنهن بعد هڪ ڊاڪيوميٽري فلم ڏيکاري ڏئي جنهن ۾ ماءُ جي ممتا کي اجاگر ڪيو ويو هيو ۽ سامعين کي هڪ پيغام ڏنو ويو ته جڏهن ماءُ پوڙها ٿي وڃن ته انهن جي خدمت ڪجي جيئن هنن اسان کي ننڍپڻ ۾ پالي وڏو ڪيو آهي. راڻيپور مان آيل هڪ فعال ڪارڪن امڙ مقصودا پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اولاد ڪيڏي به وڏي چونه ٿي وڃي، پر ماءُ جي لاءِ اهين هوندي آهي جيئن ننڍڙن ۾ ٻار هجي. ماءُ هڪ يونيورسٽي آهي جنهن جهولي مان اولاد ريتون، رسمون ۽ ٻولي سکي زماني جي مسئلن سان منهن ڏئي ٿو. ماءُ جو پيار هڪ لازوال پيار آهي. جنهن جي سچائي جو دنيا ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي.

تنهن بعد سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد حنيف چنه آيل مهمانن کي ماءُ جي عظمت ٻڌائيندي چيو ته مائرن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو اهم مقصد اهو آهي ته مائرن جي عزت، عزمت ۽ شان کي اجان به مٿاهون ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته ماءُ دنيا جي واحد هستي آهي جيڪا پنهنجي ٻچن جي لاءِ سڀ جمار پاڻ پتوڙي ٿا.

مائرن جو ڏينهن ملهائڻ جو مکيه مقصد اهو به آهي ته جيئن مائرن کي انهن جي پيار قربانين ۽ محبت جي پيٽا ڏني وڃي. ان ڪري ته ماءُ پنهنجي ٻارن جو خيال انهن جي زندگيءَ جي هر قدم تي رکندي آهي. ٻالڪ پڻ ۾ جڏهن ڪوبه اسان جا ٻاتا ٻول سمجهي نه سگهندو آهي ته اهائي ماءُ هوندي آهي جيڪا هڪدم سمجهي ويندي آهي ۽ ماءُ اهو پهريون لفظ آهي جيڪو ٻار سڀ کان پهريان ۽ آساني سان سمجهي ويندو آهي. الله پاڪ جنت ماءُ جي پيرن هيٺان رکي آهي. تاريخ گواهه آهي ته دنيا جي عظيم ماڻهن جي ڪاميابين جو راز انهن جي ماءُ جي ڪري آهي. محمد حنيف چنه وڌيڪ چيو ته اسان کي اڄ وانگر اندگيءَ جي هر قدم تي هڪ سٺو انسان ٿي رهڻو آهي ۽ پنهنجي ماءُ جي عزت ۽ احترام برقرار رکڻو آهي ته جيئن اسان جون مائرون هميشه خوش رهن ۽ هن معاشري ۾ شان ۽ عزت محسوس ڪن.

پروگرام جي آخر ۾ وحيد احمد ٻرڙو ڊسٽرڪٽ مئنيجر خيرپور سيني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته ماءُ جي عظمت جو اعليٰ مقام آهي. ماءُ جي پيار هڪ لازوال پيار آهي جنهن جي سچائي جو دنيا ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. اسان جي ڪوشش رهندي ته اهڙا پروگرام سرسو جي پليٽ فارم تان هر سال ملهايون ۽ ماءُ جي عزمت کي اجان به بلند مقام ڏيون. پروگرام جي پڄاڻي تي سرسو انٽرپرائيز هيڊآفيس سکر ۽ ڳوٺائين تنظيمن پاران لڳايل اسٽال چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد چنه ۽ چيف فنانس آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي ۽



آيل مهمانن وزٽ ڪئي ۽ اسٽال تي رکيل هٿ جي هنر جي تعريف ڪئي. اهڙيءَ طرح مائرن جو عالمي ڏينهن متعلق رٿيل پروگرام پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

# سماجي ڪارڪن

نثار پناڻ



سماجي ڪارڪن ڪا معمولي ڳالهه ناهي، جيئن ڪنهن مظبوط عمارت جي بنياد جي جيڪا پهرئين سر آهي، اهڙي ئي طرح ڳوناڻي سطح تي سماج سڌارڪ "سماجي ڪارڪن" جي اهميت بہ وڏي آهي. گهر جي تعمير جي شروعات بنياد سان ٿيندي آهي. هڪ انجنيئر ڪي وڏي عمارت ٺاهڻي هجي تہ شروعات بنياد ڪان ڪندو نہ ڪي آخري منزل ڪان. اهڙي طرح سماجي ڪارڪن ڪي معاشري جي اصلاح ڳوناڻي سطح ڪان ڪرڻي آهي، سندس اهو سوچڻ گهرجي تہ هن دنيا ۾ اسين اڪيلا ڪونہ آهيون، هتي هڪ طرف قدرت، فطرت بہ پنهنجي قانون تحت عمل ۾ مصروف آهي تہ ٻي طرف مخالف ۽ ٻيا ماڻهو بہ نظر رکيو وينا آهن. انهن مان هرهڪ انسان جو پنهنجو مقصد ۽ مفاد بہ آهي. جنهن جي حاصلات ۾ هو مگن رهي ٿو. اهڙي حالتن ۾ ضروري آهي تہ اسين حقيقي سڌارو ڄاڻون ۽ ان مقصد جي حقيقت ڄاڻون.

زندگي جو سڀ ڪان وڏو راز اعتراف ڪرڻ آهي. اعتراف ڪندڙ سماجي ڪارڪن ان ڳالهه جو ثبوت ڏئي ٿو تہ جهڙي طرح هو پنهنجي هوند ڪان واقف آهي. تهڙي طرح هو پنهنجي ناڪامي ڪان بہ واقف ڪار آهي.

سماج سڌارڪ چواڻي تہ اعتراف ۾ بزدلي ناهي، اعتراف سڀ ڪان وڏي بهادري آهي. اعتراف ڪرڻ سان ماڻهو بي عزتو نٿو ٿئي، بلڪ هو عزت جي بلند مقام تي پهچي ٿو. جيڪو اعتراف نہ ٿو ڪري اهو چڻ تہ احمقن آهي. ان جي ابتڙ جيڪو اعتراف ڪري ٿو ان چڻ فرضي خيالن جي طلسم ڪي ٽوڙيو هجي ۽ ظاهر ٿي اصل روپ ۾ آيل هجي سوئي حقيقت جي دنيا ۾ ساهہ کڻندڙ آهي. اهو شين ڪي ايئن ئي ڏسي رهيو آهي. جيئن حقيقتاً آهن.

شين ڪي اصل روپ ۾ ڏسڻ ڏاهپ آهي جنهن سماجي ڪارڪن ۾ اها صلاحيت آهي، هو ڪاميابي جي آخري ڏاڪي تي ضرور پهچندو، جنهن ۾ اها صلاحيت ناهي، اهو پنهنجو سفر شروع تہ ڪندو پر ڪٿي نہ ڪٿي ٿاڦڙجي ڪري پوندو.



مثال طور جيئن هڪ ٿانوَ ۾ پاڻي آ، ان مان هڪ ڦڙو وهيو ۽ اهو جيڪڏهن بدبودار آ، تہ ثابت ٿيو تہ سمورو پاڻي بدبودار هوندو. پاڻي جو هڪ ڦڙو پنهنجي سموري ذخيري جو ترجمان آهي. اهوئي معاملو سماجي ڪارڪن جو آهي. هي بہ هڪ انسان آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي ذخيري مان بار بار ڳوناڻن ۾ ڦڙا ڪرندا رهن ٿا ۽ اهڙي طرح هڪ سماجي ڪارڪن ڳوناڻن اڳيان پوري ڪم ڪي عيان ڪري ٿو. گدرو، ٻوهہ بظاهر تہ هڪ جهڙا نظر ايندا آهن. پر انهن

جو اندر ہڏائيندو تہ اسين ڪُوڙا آهيون يا مِٺا. ايئن ئي سماجي ڪارڪن پنهنجي اندر جا ڳُوڻائن سان ڀول ڀولڻ سان ظاهر ٿي پوندو آهي.

جيئن ٿان، جو پاڻي هڪ مڪمل مجموعو، ڪنهن ماڻهو کان ڪا ڪمزوري ظاهر ٿئي ٿي، اهو ان جي شخصيت جو الڳ ۽ انفرادي واقعو نہ هوندو، بلڪ اهو ان جي پوري شخصيت جو اظهار هوندو آهي.

هڪ سماجي ڪارڪن اعتراف ڪندي چيو تہ مان مجان ٿوتہ مون کان غلطي ٿي وئي، مون پنهنجي ڪميونٽي لاءِ صحي نہ ڪيو آهي. ان ۾ ڪمزوري منهنجي ئي آهي. جنهن ڪري منهنجي غريب ڳوٺائن کي فائدو رسي نہ سگهيو آهي. ۽ هو فاعدي کان محروم رهجي ويا آهن.



سماجي ڪارڪن جو اهڙو اعتراف، بهادري هجڻ گهرجي ۽

اهائي ترقين جي جان بہ آهي. هر شڪست دفاعي لائين ۾ شگاف بعد ئي ايندي آهي. ان جو بهترين علاج اعتراف آهي. اعتراف بغير وڏيڪ خرابيءَ بغير مسئلا حل ٿي ويندا آهن. زندگي جي سڀ کان وڏي حقيقت اعتراف آهي. ايمان بہ هڪ اعتراف آهي. ڇوتہ ايمان آڻيندي انسان خدا جي وڏائي جو اعتراف ڪري ٿو. غريب ڳوٺائن جي حقن جي ادائگي هڪ اعتراف آهي. ڇوتہ انهن جي ذميواري سماجي ڪارڪن جي ئي سپرد هئي. توبهہ بہ هڪ اعتراف آهي. ڇوتہ ان وسيلي ماڻهو گناهن جو اعتراف ڪندي پاڻ کي غلط ۽ قدرتي قانون کي صحيح قرار ڏئي ٿو. زندگي، صوبن، ملڪن ۽ قومن جي هرقسم جي سڌارن ۽ اصلاحن جو راز اعتراف ۾ آهي. ڇوتہ هرڪنهن کان غلطيون فطرتاً ٿينديون رهنديون آهن.

سماجي ڪارڪن جو اعتراف سڀني ترقين جو دروازو آهي. جنهن لاءِ ڏاڍو گهٽ ماڻهو اهڙي اعتراف ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪندا آهن. جڏهن بہ اهڙو موقعو ايندو آهي تہ ماڻهو پنهنجي انا ۽ عزت جو سوال اٿاري بيهاريندا آهن.



هو غلطي مڃڻ بدران ان تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ خرابي ختم ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ، ويتر وڌي ويندي آهي. ايتري قدر جو وقت اچي ويندو آهي تہ جنهن غلطي جي اعتراف سان معاملو رفع دفع ٿي سگهي پيو. پر اعتراف نہ ڪرڻ جي ڪري بربادي واري قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي. ماڻهن جي فطرت هنن لفظن کان خالي آهي تہ (مان غلطي تي آهيان) اڄ جو انسان ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي غلطي نٿو مڃي، ان ڪري غلطين مٿان غلطيون ڪندي

بيشمار نقصان ۾ وجي ٿو.

بنيادي طرح سماجي ڪارڪن جي اهڙي ڪا ننڍڙي ڳالهه جيڪا هن پاڻ ڪي سڌارڻ لاءِ ڪئي، سا پڻ هزارين مشهور سماج سڌارڪن، ڏاهن، تبديلي پسندن، سياستدانن، اوليائن پڻ پهريائين پاڻ تي لاڳو ڪندي، هڪ ويساهه پيدا ڪيو. پوءِ انهن جي پيروڪارن به سندن جو چيو مڃيو ۽ نتيجي ۾ سماج ۽ ملڪ لاءِ فائديمند ۽ ڪارائتا انسان ثابت ٿيا ۽ انسانن جي ڀلائي لاءِ ڪم اچي سگهيا.



مثل طور جيئن ٽرين تيزيءَ سان مسافرن کي سندن منزل ڏانهن پهچائڻ لاءِ ڪوڪان ڪندي ڊوڙندي ويندي آهي ۽ ٽرين جا مسافر آرام سان ٿڌي هوا جا مزا وٺندي وقت گذاريندا آهن. مسافر گاڏيءَ جو مقصد ماڻهن کي منزل تائين پهچائڻ هوندو آهي. پوري ٽرين جي نمائندگي سندس منڍ (انجڻ) ڪندي آهي. گاڏيءَ ۾ انجڻ شامل نه هجي ته جيڪر مسافر منزل ڪين ماڻي سگهن.

پر اهو منڍ (انجڻ) جيڪو اڳواڻ، سرواڻ ۽ رهنما جو ڪردار ادا ڪندي، ماڻهن کي ايئرڪنڊيشنڊ گاڏن ۾ ٿڌي هوا فراهم ڪري رهيو آهي، جيڪو آس پاس جي مزيدار باغ باغيچن دلڪش منظرن تي هرڪي ئي ڪونه ٿو، ايندڙ وڏن شهرن ۽ نظارن تي موهجي ئي ڪونه ٿو، جنهن طئي ڪيو آهي ته ماڻهن کي منزل تي پهچائي پوءِ ساهه ڪٽبو. پوءِ ان انجڻ جي اندر ڪي ڪو هٽ ته لائي ڏسي سندس حالت ڪهڙي نه خراب هوندي، هن جو اندر ڪيترو نه ٻرندڙ هوندو آهي. ان حالت هوندي به هن جي عزم ۾ ڪا گهٽتائي ڪونه ايندي آهي. ڇوته سندس آڏو هڪ عظيم مقصد هوندي آهي ته ماڻهن کي منزل پهچايان.

اهڙو ئي ڪردار پنهنجي غريب ماڻهن جي زندگين ۾ تبديلي آڻيندڙ سماجي ڪارڪن جو هجڻ گهرجي، هي اڳواڻ، سربراهه، رهنما، سياستدان، صوفي، فقير، درويش، سڀ سماجي ڪارڪن ريل گاڏيءَ جون انجڻون آهن. سي پاڻ کي تڪليف ڏئي، غريبن کي ريل جي انجڻ جيان ترقي واري منزل تي پهچائي سگهن ٿا. ان جي ابتڙ ڪم ڪندڙ سڀ دعويدار ته ٿي سگهن ٿا پر اصل اڳواڻ، رهبر ٿي معاشرو تبديل ڪندڙ هرگز ڪونه ٿي سگهن ٿا.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن به سنڌ جي هڪ آرگنائيزيشن آهي، جيڪا غريب ماڻهن جي زندگين مان غربت جي خاتمي لاءِ جاکوڙي ٿي. هن اداري کي سماجي ڪارڪنن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ گهرجي، هن ۾ هرعهديدار، بنيادي طرح فعال ڪارڪن آهي. ۽ انهن جي تربيت ۾ وسان ڪين گهٽائڻ گهرجي. تربيت سان ئي تبديلي جي اهڃاڻن ۾ جهاتي پائي سگهجي ٿي.

**

# عورت جو هڪ روپ "ماءُ"

سيده نازيہ شاهہ



سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن جي ثنا ڪرڻ کان هرجان عاجز ۽ ڪاسر آهي، تنهن اربها مخلوق پئدا ڪيون، انهن جي خلقڻ ۾ الله پاڪ کي صرف ٿي پۆ "ڪن فيڪون" چوڻ جي دير لڳي. انهن سڀني مخلوقات ۾ عورت بہ هڪ حسين روپ آهي.

اسان جي ديس ۾ 52 سيڪڙو حصو رکندڙ عورتون آهن. عورت جو حسين ترين روپ "ماءُ" آهي. خليل جبران چوائي تہ "ماءُ ۽ خدا ۾ هڪ جهڙائي اها آهي تہ خدا بہ خالق آ ۽ ماءُ بہ" ڌرتيءَ کي بہ ماءُ چوندا آهن ڇاڪاڻ تہ اها پنهنجي پيٽ مان، اناج، ميوا، ڦل فروٽ، سبزيون، باغات اوڳاڇي ٿي. جنهن سان انسان پنهنجي جيوت برقرار رکيو اچي ٿو. ماءُ پنهنجي جهوليءَ ۾ اولاد کي رکندي آهي ۽ آخر ۾ هر انسان جي مرڻ بعد ڌرتي بہ ماءُ جيان هن کي پنهنجي آغوش ۾ رکي ٿي. ان ڪري ڪجهہ مذهب جا ماڻهو ڌرتي ماتا کي پوڄيندا آهن. ماءُ رحمدل آهي ڪائنات جي سڀني طاقتن کان وڌيڪ اولاد لاءِ ان جي ماءُ جهڙي ٻي هستي ڪانهي سندس ڳوڙهن ۾ عظيم طاقت لڪل آهي، هن جي دعا ۾ تاثير آهي. سچي محبت، ماءُ جي گود کان علاوه ڪٿي بہ ڪونہ ملندي.

ماءُ جي لاءِ چيل ڪجهہ ڏاهن، اڪابرن ۽ مشهور ماڻهن جا قول هيٺ ڏجن ٿا.

1. ڪنهن جون بہ مائرون بہ نہ ۽ بہ خدا بہ نٿا ٿي سگهن.
2. عورت جي فطرت ماءُ بڻجڻ آهي، زال بڻجڻ هڪ تقاضا آهي.
3. جيڪي حاڪم سزا ٿا ڏين سي ماءُ چوٿا وسارين. ماءُ اولاد کي ماريو ڪٽيو، پوءِ وري ان سان ڇنبڙي پئي، ان کي وهنجاري سينگاري نوان ڪپڙا پارايا، گره وات ۾ وجهندي ماني کارائي. مار وسري وئي پيار حاوي ٿي ويو، ڇاتي سان لڳائيندي ٻول ٻوليا. حاڪم سزا ٿا ڏين، رعايا باغي ٿي پوي، ڪنهن عقل کان هارايو ۽ ڪنهن معصوميت واري پيار سان ڪٽيو.

- پڙهيل لکيل استاد، اڻ پڙهيل ماءُ جا شاگرد هوندا آهن.
- ماءُ ڪڏهن بہ هي ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ هن جي دعا بغير اولاد محفوظ آ.
- انسان جڏهن تڪليف ۾ "هاءِ امان" چوندو آ تہ ماءُ پلي مري بہ چڪي هجي، اها اولاد کان گهڻو پري ڪونہ هوندي آ.
- مائرن جي جهولي ۾ معصوم ٻار واريون تصويرون هرهڪ چوڪ تي لٽڪايون وڃن، ڪوبہ گمراهہ نہ ٿيندو.
- ماءُ ٻارن لاءِ توحيد الاهي جو اشارو آهي، گهڻن ٻارن جي هڪ ماءُ يا هڪ ماءُ جا گهڻا ٻار، ماءُ تہ هڪ ئي رهندي جيڪو ماءُ کي سمجهي نہ سگهيو، اهو توحيد الاهي کي بہ نہ سمجهي سگهندو.
- جيڪڏهن مائرون نہ هجن تہ انسانن جو وجود ڌرتي تان ڪجهہ عرصي بعد ختم ٿي وڃي.
- اي انسان نہ ڪوئي ماءُ جو نعم البدل آ ۽ نہ ڪوئي خدا جو منهنجي ماءُ مون کان ڪسي وجي تہ مان چريو ٿي ويندس.

- سخت کان سخت دل واري انسان کي بہ سندس ماءُ جا ڳوڙها ميڻ جيان نرم ڪري سگهن ٿا.
- انسانيت جي زبان تي سڀ کان پيارو ۽ حسين لفظ "امان" آهي.
- ماءُ اها هستي آهي، جنهن جي جهوليءَ ۾ ڪنڊن جهڙا ٻار بہ ويهن تہ اهي گلن جهڙا خوبصورت ٿي پون ٿا.
- ماءُ جو غصو عارضي ۽ فرضي هوندو آهي.
- ماءُ جهڙي هستيءَ کي ناراض ڪرڻ کان ڊڄو.
- ماءُ جي محبت ۾ سمنڊ جيتري گهرائي آهي، ان محبت کي ماپڻ جو اوزار اڃان ايجاد نہ ٿيو آهي.
- ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي. (حديث)
- ماءُ جي خوشبو گل جيان آهي، جنهن سان گهر ٻهڪندو آهي.
- ماءُ جي نالي ڪٿڻ شرط ممتا، راحت، سڪون، ثار، امن ۽ قرباني جو تصور اڀري ٿو.
- ماءُ جي نافرمان اولاد ڪڏهن بہ سُکي نہ رهندي.
- دنيا جو ڪوبہ رشتو ماءُ کان وڌيڪ عظيم ناهي.
- جڏهن مان امان کي ياد ڪري روئندو آهيان تہ فرشتا منهنجا ڳوڙها اگهندا آهن.
- مان تنهنجا سڀ گناهہ بخشيان ٿو، پر ماءُ کي راضي ڪر.
- مان نوي سال جو پوڙهيو آهيان، منهنجي زندگي جو گهرو ڏک منهنجي ماءُ جو موت آهي ۽ اهو گهاءُ قبر تائين رهندو.
- جنهن گهر ۾ تعليم يافتہ ماءُ آهي، اهو گهر ادب جي يونيورسٽي آهي.
- جتي ماءُ جو احترام آهي، اتي خدا بہ خوش ٿيندو آهي.
- جنهن گهر ۾ ماءُ جي عزت ناهي، اهو اڄ نہ تہ سڀاڻي ضرور تباهہ ٿيندو.



مٿين قولن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ماءُ جهڙي عظيم هستي خدا پاڪ طرفان ڏنل تحفن مان هڪ عظيم تحفو آهي.

خدا رب العزت جي هي ڪائنات بہ عجيب ۽ ٽڪساد واري آهي، جنهن جي سمجهڻ لاءِ 80 سال جي عمر تہ هڪ نقطي جهڙي حيثيت رکي ٿي. ان سموري عمر ۾ صرف ڪنهن هڪ شيءِ تي بہ مڪمل سمجهداري ۽ عبور حاصل ڪونہ ٿو ڪري سگهجي. انسان اربها سالن جو سفر طئي ڪيو آهي، اڃان بہ هر شيءِ مزيد تحقيق طلب آهي. چون ٿا تہ خدا پاڪ عورت کي ڏاڏي آدم جي ڪک کان پيدا ڪيو، پيشاني مان ان ڪري نہ! جو هوءَ مٿان مٿي تي چڙهي وڃي ۽ پيرن مان بہ ان ڪري نہ جو هن کي مٿان چيپاٽيو وڃي. پر ڪک مان پيدا ڪيو تہ جيئن هوءَ هرقدم تي مرد سان شايان شان، عزت دار طريقي سان برابري واري بنياد تي هن سماج جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي، هن معاشري کي بهشت مثل ڪري، مرد اگر محنت، ڪشالا، مسافتون ڪاٽي ناڻو ڪمائي ڏي ٿو تہ عورت وري گهر ۾ زبرداست ڪردار ادا ڪندي عظيم شان گهر ٺاهي سگهي ٿي، اهڙا معمار صرف ماءُ ناهيندي، جنهن سان هڪ سٺو گهر، ٺهندو ۽ پاڙا ٻڻجندي سٺا ڳوٺ، وستيون واهڻ ۽ شهر نمودار ٿيندا. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ڪم جو دائرو بہ هڪ گهرائي کي جاڻ ٿيندي ۽ سٺا گهراڻا ٺاهنا آهن، جنهن مان لاٽ ٻرندي، مشعل روشن ٿيندي ۽ ٻاٽ اونداهي نيٺ ختم ٿيندي.



عورت تي ذميواري آ تہ هوءَ پنهنجو رول گهر ٺاهڻ ۾ لڳائي تہ جيئن مرد جو گهر جي سينگار ۽ تعمير لاءِ ڪمايل ناڻي جو جائز اثرائتو ۽ لاڀائتو استعمال ٿي سگهي، ان سان گهر جي ڀاتين ۽ ٻارن جو مستقبل بهتر روشناڪ ۽ تابناڪ ٿيندو.

گهر، هڪ ادارو آهي جيڪو عورت ۽ مرد ٻنهي جي ڪلهوڪلهي ۾ ملائي يڪمشتي سهمت ۽ صلاح سان پروان چڙهي ڪامياب ٿي سگهي ٿو. ان ڪري الله پاڪ قرآن ۾ فرمايو جنهن جو ترجمو آهي تہ: "۽ اسان هر شيءِ جا جوڙا ٺاهيا تہ جيئن توهان ڌيان رکو" الله پاڪ سورة الحجراه فرمايو تہ جنهن جي معنيٰ آهي تہ: "بيشڪ توهان هڪ مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيا ويؤ ۽ قومن ۽ خاندانن ۾ ورهايا ويؤ تہ جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو، بيشڪ الله وٽ وڏي عزت وارو اهو آ، جيڪو وڌيڪ پرهيزگار هجي ۽ الله ئي ڄاڻڻ وارو باخبر آهي." (القران سورة الحجراه آية 13)

انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ عورت جي اهميت کي قرآن پاڪ ۾ اجاگر ڪيو آهي ۽ سندس ڪم کي (Describe) ڪيو ويو آهي تہ هوءَ ترقيءَ جي ڌارا ۾ مرد سان ڀاڱي ڀائيوار ٿيندي، گهر جي فردن تي توجه مذڪور ڪري اتي ڪم ڪري انهن ڀاتين، ٻارڙن، ڀڻن ۽ ڌيئرن جي پرورش ڪندي ڪين سنو گهر ڀاتي ٺاهي جيڪو اڳتي هلي معاشري کي روشن ڪري ۽ مستقبل جو معمار بڻجي.

اسان جي مرد، عورت جي وضاحت کي ڦيرائيندي ان کي پيرن جي هيٺان ڇيپائيو آهي ۽ ڪهاڙين جي ڇانوَ ۾ سندس پالنا ٿئي ٿي ۽ گولين جي گونجار سان ان جا سينا پروڻ ڪيا ٿا وڃن" قرآن فرمايو سورة النساء 34 ۾" جنهن جو ترجمو آهي: "يعني مرد عورتن جا منتظم ۽ نگهبان آهن". "الرجاقوامون علي النساء"

هتي مرد وري پاڻ کي عورت تي حڪمران ٿو سمجهي، ڪيس ڀلي جيڪو وٽي سو ڪري، پر عورت جي ملڪيت، حقن تي قبضي خاطر ڪيس هيسائي ٿو، ان کان ٻنيءَ جو ڪم، رونبو، لاٻارو، گاهه ڀلال، مال جا ڪونر ملرائي ڪانئس ماني پچرائيندي نوڪريائين وارو ڪم وٺي ٿو. جيڪو فطرت جي عين ابتڙ ۽ ان سان جنگ جي برابر آهي. عورت جي ذلت ۽ پذيرائي ڪري اسان جا معاشرا تباهه ٿيا.

**عورت مطعلق ڏاهن جا چيل قول ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.**

- زندگيءَ جي ترقي ۽ تمدن جو مقدار (زال) جي محبت تي آهي.
- چوويهن سالن بعد مون کي خبر پئي تہ دنيا ۾ منهنجي ڪمن جي ڪو مدد ڪري سگهي ٿو تہ اها منهنجي عورت (زال آهي).
- جتي عورت جو احترام آهي، اتي خدا خوش ٿيندو آهي.
- قديم دؤر جا شريف ماڻهو چوندا هيا تہ عورت جي نالي جي اشاعت صرف ٻن هنڌن تي ٿئي، جڏهن رشتي واري سان رخصت ۽ ٻيو هن جهان مان رحلت.
- ڪنديدار شاخ کي گل خوبصورت بنائي سگهي ٿو. غريب کان غريب شخص جي گهر کي عورت ئي جنت بڻائي سگهي ٿي.

**

# يونين ڪائونسل سطح تائين غربت گهٽايو پروگرام جو تعارف ۽ ان جون حاصلات

بخت علي ابڙو



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ۽ حڪومتِ سنڌ وچ ۾ معاهدو ٿيو ته ٻئي ملي ڪري سنڌ جي ٻن ضلعن شڪارپور ۽ ڪشمور ۾ تيز رفتاريءَ سان عمل ڪندي ٽن بلين (ٽن ارب) روپين جي لاڳت سان يونين ڪائونسل سطح تي غربت کي گهٽائڻ جو پروگرام شروع ڪندا ته جيئن ڪميونٽي سطح تائين معاشي ۽ سماجي صورتحال کي بهتر ڪري سگهجي.

ان پراجيڪٽ جو مجموعي مقصد اهو هيو ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ ڪميونٽيز جي زندگيءَ کي معياري ۽ بهتر بڻائجي، خاص ڪري اهڙين ٻهراڙين ۾ جتي زندگي جون بنيادي سهولتون به ميسر نه آهن. ان کان علاوه ان پراجيڪٽ جو هڪ بنيادي مقصد ٻيو به هيو ته ٻهراڙين اندر غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ هر فرد ۾ "سماجي تحرڪ Social Mobilization" جي فلسفي تحت اهڙيون صلاحيتون پيدا ڪجن جو هو پاڻ غربت سان مدمقابل ٿي ان کي منهن ڏئي سگهن. شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ اهو پراجيڪٽ پنهنجن سمورن مقصدن جي حاصلات سان گڏ ڪاميابيءَ سان پورو ٿيو. جڏهن ته ضلع جيڪب آباد ۾ انهيءَ پراجيڪٽ کي ساڳئي انداز سان هلائڻ لاءِ 2013 تائين توسيع ڏني وئي.

هن پراجيڪٽ تحت غريب گهراڻن ۽ غريب ترين فردن ۽ حڪومتي سطح تي سماجي تحفظ فراهم ڪندڙ ادارن، واڳيل محڪمن ۽ ٻين حڪومتي ۽ غير حڪومتي ادارن وچ ۾ هڪ مضبوط رابطو جوڙيو ويو. هن پراجيڪٽ تحت منظم ڪيل ڪميونٽيز جا رابطا مائڪرو رورل هيلٿ ڪيئر سيڪيورٽي اسڪيم سان پڻ جوڙيا ويا، جنهن جو مقصد ننڍين ڇاول ٻار جي صحت ۽ پالنا تي ڪم ڪرڻ آهي.



هي پراجيڪٽ RSPs جي "سماجي تحرڪ Social Mobilization" تي مبني هڪ "تصوراتي پئڪيج Conceptual Package" واري فلسفي تحت ڪم ڪري رهيو هو، جنهن جو مقصد هڪ مڪمل ۽ جامع پروگرام ذريعي پيشقدميون ڪندي سنڌ جي ٻهراڙين اندر غربت کي ختم ڪرڻ هو. غربت کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ انهيءَ پراجيڪٽ تحت سماجي ترقيءَ جي ٻين شعبن جهڙوڪ: صحت، ماحول ۽ تعليم جهڙن شعبن ۾ خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن جي حوالي سان سهڪار فراهم ڪرڻ پڻ شامل هو. هن

اهڙيون سرگرميون ڪن جن سان غربت جو خاتمو ٿئي. انساني وسيلن جي ترقي Human Resource Development جي هڪ اهم جز جي حوالي سان COs, VOs ۽ LSOs جي عهديدارن جون وڏي پيماني تي تربيتون منعقد ڪيون ويون. چو تہ هيٺين سطح تي CO هڪ اهڙي طاقتور تنظيم آهي جنهن جي وسيلي اهڙا مضبوط ماڻهو چونڊي سگهجن ٿا جن جي ذريعي Poverty Score Card ڪي استعمال ڪندي هر گهر جي حاصل ڪيل بينڊ جي بنياد تي هر گهراڻي جي سطح تي پيشقدميون وٺي سگهجن ٿيون ۽ هر هڪ CO جي ذميدار فردن



جي تربيت ڪري انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ انتهائي ضروري هو تہ جيئن هر CO مڪمل طور تي متحرڪ سماجي ترقيءَ ۾ پنهنجو هڪ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي. اهو سمورو ڪم تيستائين سرانجام نہ ڏئي سگهجي ها جيستائين عوامي خدمتن جي مؤثر فراهمي ۽ انهن جي مانيٽرنگ جي ڪم جو هڪ منظم نظام نہ جڙي سگهي ها. انهيءَ ڪري ٽنهي ضلعن جي 54,223 Cos, 36,750 VOs ۽ 600 LSOs جي ذميدار فردن انتظام ڪاري Management، CIF جي مانيٽرنگ، قرض جي صحيح استعمال ۽ رڪارڊ ناهڻ جي مد ۾ تربيت ڪئي وئي.

**آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ Income Generating Grant (IGG)**: جن ماڻهن غربت واري ڪارڊ Poverty Score Card ۾ (0-11 Band) اسڪور ڪنيو آهي، اهي غريب کان غريب تر جي درجي ۾ شامل ٿين ٿا ۽ انهن ۾ بيواهہ عورتون ۽ معذوري واري زندگي گذاريندڙ ماڻهو پڻ شامل آهن. آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ (IGG) ڏيڻ جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو ان قابل ٿيڻ جو هو پالتو مال يا زراعت جي مد ۾ مختلف شيون خريد ڪري سگهن. اهڙين سرگرمين سان گرانٽ جي صحيح ۽ پيداواري استعمال جي پڪ ٿئي ٿي ۽ آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ (IGG) وٺندڙن مان ڪيترائي ماڻهو ان لائق ٿيڻجي ويا جو انهن (CIF) جو قرضو ورتو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي غريب کان غريب تر واري صورتحال يعني (0-11 Band) ڪنيل اسڪور واري صورتحال مان آجا ٿي ويا ۽ هاڻ هو ان کان هڪ قدم اڳتي ٿي درجي ۾ شامل ٿي ويا. انهيءَ صورتحال کي مدِنظر رکندي، شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ 7,455 فائدو حاصل ڪندڙن کي آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ IGG ڏني وئي.





**ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ Community Investment Fund**: سڀ کان وڏيڪ جيڪو اهم ڪم سرانجام ڏنو ويو اهو هو ڪميونٽي سطح تي هڪ اهڙي فنڊ جو بنياد وجهڻ جنهن سان ان فنڊ جو ڳوٺاڻي سطح تي بار بار استعمال ڪيو وڃي ۽ ان کي ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund (CIF) چيو پئي ويو. ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ Community Investment Fund (CIF) جو نظام هلائڻ

جي ذميداري هڪ منظم تنظيم جي حوالي هئي ۽ اها تنظيم 18-0 گهراڻن کي سُود کان پاڪ قرض فراهم ڪرڻ جي مجاز هئي. اهو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو هو ۽ خاص طرح سان ان جي استعمال کي مانيٽر ڪيو ويندو هو ۽ ان جي استعمال جي رپورٽ حڪومتِ سنڌ کي مهيا ڪئي ويندي هئي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن جي 87,551 فردن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو.



**هنري تربيتي پروگرام Vocational Training Program (VTP):** يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP ۾ هڪ اهڙو حصو به شامل هو جنهن تحت بيحد ۽ محروم غريب گهراڻن سان واسطه نوجوانن جي چونڊ ڪئي ويندي هئي ۽ انهن کي هنري مهارتن جون تربيتون ڪرايون ويندڀون هيون. انهيءَ هنري تربيتي پروگرام تحت شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن سان وابسطه 31,002 نوجوانن کي مختلف تربيتون ڪرايون ويون.

**پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهميءَ جي اسڪيم Drinking Water Supply Scheme (DWSS):** ڳوٺاڻين تنظيمن کي ڪميونٽي سان وابسطه مختلف ترقياتي اسڪيمن جي جوڙ جڪ جي حوالي سان گرانٽ پڻ مهيا ڪئي ويندي هئي جنهن جو گهٽ واسطو هر هڪ گهر کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جي پاڻيءَ جي فراهميءَ سان هو. پيئڻ جي پاڻيءَ جي اهڙي فراهمي لاءِ ڳوٺ ۾ اڳ موجود پاڻيءَ جي جانچ ڪئي ويندي هئي ۽ ان جي صاف ۽ صحتمند هئڻ جي پڪ ڪئي ويندي هئي ۽ ان سان گڏ انهيءَ علائقي لاءِ پروگرام مطابق سينيٽيشن جي اسڪيم جو پڻ جائزو ورتو ويندو هو. ضروري ڪمن ڪارين ڪانپوءِ اهڙين اسڪيمن ڳوٺاڻين تنظيمن Village Organizations جي حوالي ڪيو ويندو هو ته جيئن اهي بيٺل يا خراب ٿيل اسڪيمن جي ڀيهر بحاليءَ تي ڪم ڪن ۽ ڳوٺاڻي تنظيم پاڻ پنهنجن وسيلن جي آڌار ان کي نه صرف هلائي، ان جي سار سنڀال لهي پر ان جي انتظام ڪاري پڻ پاڻ سنڀالي. انهيءَ همٿائيندڙ سرگرميءَ تحت متعلق ضلعن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ جون ڪل 801 اسڪيمون نه صرف ڏنيون ويون پر ڪاميابيءَ سان پڻ مڪمل ڪيون ويون.



**گهٽ قيمت وارن گهرن جي فراهمي Low Cost Housing (LCH):** يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP تحت گهٽ قيمت تي گهر جوڙائڻ واري سرگرمي ڏاڍي جاندار هئي. هن سرگرميءَ تحت ڪميونٽي جي انهن تمام گهڻن غريب گهراڻن کي جيڪي جهوپڙن ۾ زندگي گذاري رهيا هئا تن کي گهٽ قميت وارن گهرن جي اسڪيم تحت اجها فراهم ڪيا ويا، ڇو ته انهن کي هڪ محفوظ ۽ سٺي گهر جي سخت ضرورت هئي. انهيءَ اسڪيم تحت شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ سيپٽمبر 2012 تائين ڪُل 5,572 گهٽ قيمت وارا گهر تعمير ڪيا



ويا ۽ غريب ماڻهن کي فراهم ڪيا ويا.



**بهتر ڳوٺ جي تعمير لاءِ گهٽ قيمت واري اسڪيم Low Cost Village Improvement Scheme (LVIS):** شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن جي هر يونين ڪائونسلن مان 2 کان 3 ڳوٺن جي بهتر تعمير لاءِ گهٽ قيمت واري اسڪيم متعارف ڪرائي وئي ته جيئن انهن ڳوٺن کي ماڊل ڳوٺ بڻايو وڃي. انهيءَ اهم سرگرميءَ تحت ٽنهي ضلعن اندر 56 اسڪيمون متعارف ڪرايون ويون.

**ننڍي پئماني تي صحت جي انشورنس Micro Health Insurance (MHI):** ننڍي پئماني تي صحت جي انشورنس جي حوالي سان بغير ڪنهن عمر جي فرق جي گهر جي سمورن ڀاتين لاءِ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ، ڪنهن حادثي جي رونما ٿيڻ ۽ معذوري جي صورت ۾ =/25,000 روپين جي خرچ جي سهولت فراهم ڪئي وئي، ان کان علاوه هر هڪ فرد لاءِ اسپتال ۾ سڄي ڏينهن جي سنڀال، بيماري جي شناخت لاءِ ٽيسٽن ۽ 24 ڪلاڪن تائين اسپتال ۾ داخلا جي صورت ۾ پڻ اها سهولت حاصل هئي. سماجي تحفظ کي يقيني بڻائڻ واري اها سهولت اهڙن گهرائن کي مهيا ڪئي وئي جن کي غربت واري ڪارڊ تحت 18-0 جو بينڊ حاصل هو ته جيئن انهن کي صحت جي حوالي سان اڳ ئي اهڙو بچاءُ مهيا ڪيو وڃي ته جيئن هو ڪنهن به حادثاتي واقعي کان بچي سگهن، جو ته صحت سان متعلق اهڙن حادثن جي ڪري غربت کي گهٽائڻ لاءِ ڪنيل سمورا قدم بيڪار ثابت ٿين ٿا ۽ اهو سمورو گهر انتهائي خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏئي ٿو جنهن جو ڪمائڻ وارو ڪنهن اوچتي حادثي سبب اسپتال پيڙو ٿئي ٿو. انهيءَ پيڪيج ۾ حادثي جي حوالي سان پڻ تحفظ مهيا ڪيو ويو هو (جيڪڏهن ڪو حادثاتي طورتي اپاهج ٿي پئي) ۽ ان کان علاوه ڪنهن گهر جي ڪمائيندڙ جي فوتگي جي صورت ۾ ان جي گهر وارن کي =/25,000 روپيه پڻ مهيا ڪيا پئي ويا. انهيءَ اسڪيم تحت ڪُل 4,652 مريضن شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ فائدو حاصل ڪيو.



**تحقيق ۽ ترقي Research & Development (R&D):** تحقيق ۽ ترقي جو ڪم نين پيداواري شين جي فروغ ۽ انهن ۾ اضافي جي حوالي سان شروع ڪيو ويو ۽ انهيءَ حوالي سان ڳوٺائين تنظيمن جي متحرڪ فردن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو ويو ۽ پائلٽ پراجيڪٽ تحت اهڙين اسڪيمن جي لاءِ مدد فراهم ڪئي وئي، جيڪا مدد بعد ۾ ڳوٺائين تنظيمن جي سمورن ميمبرن لاءِ مهيا ڪرڻي هئي. فيبروري 2009 کان ڪُل 244 ڪميونٽي ميمبرن کي زراعت ۽ مال مويشي جي پالنا جي ٻن شعبن ۾ Productivity Enhancement Training ڏني وئي.




**ٽريڊيشنل برٿ اٽينڊنٽ Traditional Birth Attendant (TBA):** ٽريڊيشنل برٿ اٽينڊنٽ Traditional Birth Attendant (TBA) ڳوٺاڻي سطح تي ڪن به ناگزير حالتن ۾ تمام گهڻو اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن جو ته اسانجن ڳوٺن ۾ اوچتي پيدا ٿيل صورتحال جي حوالي سان ڪا به صحت جي سهولت موجود نه آهي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن

جي مختلف ڳوٺن مان چونڊ ڪري ڪُل 3,938 عورتن کي TBA جون ٽريننگون ڪرايون ويون ته جيئن ڳوٺن اندر موجود ڪميونٽي کي ڪنهن به اوچتي وقت تي هڪ جذبي ۽ ايمانداريءَ تحت خدمت فراهم ڪرائي سگهجي.

**تعليم جو شعبو (UCBPRP) Education Component:** سنڌ اندر تعليم جي موجوده صورتحال ۽ Millennium Development & Goals (MDGs) کي مدِنظر رکندي، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن حڪومتِ سنڌ سان يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP جي پليٽ فارم تان PC-1 P&D تحت هڪ معاهدي تي صحيح ڪئي جنهن تحت اڳ ئي بند پيل اسڪولن اندر جن ۾ ٻارن جي داخلا ڪو نه هئي اتي استاد، فرنيچر، پيو سکيا جو سامان ۽ ڪائڻ پيئڻ وارين سهولتن کي مهيا ڪرڻو هو ته جيئن بند پيل اسڪول ٻيهر هلڻ شروع ڪن ۽ اتي ٻار تعليم جي زيور سان آراسته ٿين. ان حوالي سان شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن اندر ڪُل 102 اسڪولن جو چونڊ ڪئي وئي جيڪي ڏورانهن علائقن ۾ هيا ۽ جتي مشڪل سان 1 يا 2 ڪمرن جا اسڪول موجود هئا. جڏهن اهي اسڪول 2009 ۾ سرسو جي حوالي ڪيا ويا تڏهن اهي اسڪول مڪمل طور تي برباد هئا ۽ اتي فرنيچر، ليٽرين ۽ پيئڻ جي پاڻي جي ڪا سهولت موجود نه هئي، ايستائين جو اسڪولن کي چار ديواري پڻ ڪو نه هئي ۽ نه ئي اسڪولن ۾ استاد مقرر ڪيل هئا ۽ نه ئي انهن اسڪولن جو ڪو فنڊ وغيره موجود هو. انهن مان اڪثر اسڪول بند هئا ڇو ته انهن جون SNEs منظور ٿيل ڪو نه هيون ۽ جيڪي پيا هئا انهن ۾ استاد اچڻ لاءِ تيار نه هئا ڇو ته اهي اسڪول ڏورانهن علائقن ۾ هئا ۽ گذريل سالن ۾ اتي نالي ماتر ئي ڪو احتساب ڪيو ويو هو ۽ نه ئي ڪا مانيٽرنگ ڪئي وئي هئي.



انهن 102 اسڪولن مان 55 اسڪول شڪارپور ۽ 47 اسڪول ڪشمور ضلعي ۾ هئا. انهن اسڪولن ۾ جيڪي مسئلا هئا انهن ۾ اسڪولن جي عمارتن جي تعمير، ڪٽل سهولتن جو پورائو، اسڪول جي موجودگي لاءِ نوس جواز جو هجڻ، ان ئي ڳوٺ جا استاد (خاص ڪري عورت استادن) جي ڀرتي، استادن جي صلاحيتن ۾ واڌارو، شاگردن جي داخلا ۽ اسڪول ۾ موجودگي سان گڏوگڏ والدين شرڪت کي يقيني بڻائڻ ۽ اسڪول جي انتظام ڪاري واري ڪاميٽي School Management Committees کي فعال ڪرڻ سان گڏ انهن ڪاميٽين کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جهڙا ڪم هئا. اهڙا ڳوٺ جن ۾ ڇوڪرين لاءِ ڪي به پرائمري اسڪول موجود نه آهن، اهڙين لڳ ڀڳ 24 جڳهن تي اڳ ئي ڇوڪرن جي جڙيل اسڪولن ۾ ڇوڪرين لاءِ ٻئي شفٽ جا اسڪول کولٿا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ انهن ئي اسڪولن ۾ ٻارن جي شروعاتي عمر واري تعليم Early Childhood Education جا 09 سينٽر پڻ کولٿا هئا.



**انٽرپرائز (Craft & Outlet) Enterprise:** انٽرپرائيز هڪ انقلاب برپا ڪندڙ سرگرمي هئي جنهن کي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP

۾ شامل ڪيو ويو هو. ان سرگرميءَ تحت انهن ڏورانهن علائقن ۾ جتي مارڪيٽ جي پهچ نہ آهي، اتي غريب عورتن طرفان پنهنجي هٿ جي ٺهيل هنري ۽ ثقافتي شين جو گهٽي ۾ گهٽي فائدو حاصل ڪري سگهن ۽ پنهنجي ٺهيل شين کي آرام ۽ فخر سان وڪڻي سگهن ۽ کين پنهنجين شين جي مناسب قيمت ملي سگهي. انهيءَ حوالي سان "سرتيون سنگ مارڪيٽ" جو بنياد هڪ اهم ۽ بنيادي قدم هو جنهن تحت انهن عورتن کي ملڪي سطح تي مارڪيٽ ملڻ سان گهٽي ۾ گهٽو فائدو حاصل ٿيڻو هو. نومبر 2012 تائين شڪارپور، ڪشمور، جيڪب آباد ۽ خيرپور ضلعن جي غريب عورتن جي ٺهيل مختلف شين کي وڪرو ڪيو ويو جنهن جي ماليت =/2,590,406 هئي. باوجود ان جي جو يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP مڪمل ٿي ويو آهي. پر اهو ڪم مٿين ضلعن ۾ اڃان تائين هلي ٿو.

**مال مويشي لاءِ ڪنيل پيش قدميون Livestock Initiative:** انٽرپرائيز تحت مال مويشي جي حوالي سان ڪنيل پيشقدميون يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP جي جان هيون، جنهن تحت مال مويشي جي پالنا ۾ غريب عورتن جي صلاحيتن کي ڀرپور طريقي سان استعمال ڪيو ويو. هن سرگرميءَ تحت هڪ غريب عورت کي پنهنجي گهر اندر پنهنجي ملڪيت ٺاهڻ جو نہ صرف موقعو مليو پر روايتي طريقن سان مال پالڻ جي ڪري ان عورت کي گهرائي اندر پڻ وڏيڪ اهميت ملي. نومبر 2012 تائين شڪارپور ۽ خيرپور ضلعن اندر 2,058 وڇيون غريب عورتن ۾ انهن جي



پنهنجي ٺي جوڙيل اداري Local Support Organization (LSOs) طرفان ورهايون ويون. يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP جي مڪمل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ بہ اهو ڪم مٿين ضلعن ۾ اڃان تائين هلي ٿو.

هن پروگرام ۾ بغير مال وند عورت جي چونڊ ڪندي کيس بہ وڇيون ڏنيون وينديون آهن. جنهن جي پالنا عورت پاڻ ڪندي ۽ اهڙي ڪم عيوض وڇيون وڏيون ٿيڻ جي صورت ۾ هڪ مينهن عورت پاڻ وٽ رکندي ۽ هڪ مينهن سرسو کي واپس موٽائي ڏيندي. ادارو اها مينهن وڪرو ڪري قائم ڪيل مائڪرو انويسٽمينٽ فنڊ تحت ٻين ضرورتمند عورتن لاءِ ساڳئي صورتحال تحت وڇيون خريد ڪندو ۽ عورتن ۾ LSO جي ذريعي ورهائيندو. اهڙيءَ طرح سان عورتون مالوند ٿيندي پنهنجي غربت گهٽائي، معاشري گهر ۽ ويڙهي ۾ عزت وارو رتبو ماڻي سگهنديون.

•

# تنظيمي شعور

سليم چنه



انسان هڪ سماجي جانور آهي. جنهن جي ترقي جو دارومدار عقل ۽ شعور تي آهي. سندس عقل ۽ شعوري ترقيءَ ئي کيس معاشي جانور مان انسان ناهيو ۽ ماڻهپي تي هلندي پاڻ غارن (پٿر وارو دؤر) کان نڪري خلا کان به اڳتي سوچي ٿو.

سندس اندر جي شعور جي جڏهن اک کلي ته هن دنيا تي سوچڻ شروع ڪيو، هن ڏٺو ته فصل، گل، وڻ ٽڻ ميوا اچن ٿا وري هليو وڃن ۽ پيهر ڦٽيو پون، ايئن هن زندگي ڳولهي لڌي. کيس زندگي تي تحقيق ڪرڻ جو شعور مليو. هن سوچيو مان ڪير آهيان، هن دنيا ۾ ڇو آيو آهيان منهن جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي.

هن ڏٺو ته ڪائنات ۾ هر شيءِ سٺاءِ ۽ ترتيب سان آهي. جنهن ۾ سج اوپر کان ابري اولهه ۾ لهي ٿو، چنڊ ستارا ڪهڪشائون آسمان ۾ ترن ٿيون، هوائون گهلن ۽ مينهن وسن ٿا. کيس پڪ ٿي ته ڪائنات به بي مقصد ناهي. سندس شعوري اک ڏٺو ته ان کي منظم طريقي سان هلائڻ وارو به ڪو آهي. هي سڀ ڪجھ اتفاقي نه پر بامقصد آهي. هي سارو مامرو دلچسپ سوچ طلب آهي.

سندس شعور چيو ته ڪائنات جي هرشيءِ بامقصد آهي ۽ زندگي به ضرور بامقصد هوندي. انسان ڪائنات جو حصو آهي جيڪو اتفاقي پيدا نه ٿيو هوندو. سندس اچڻ جو ضرور ڪو مقصد هوندو.

Edwin Hubble انڪشاف ڪيو ته ڪهڪشائن جو وچ وارو مفاصلو مسلسل وڌي رهيو آهي ۽ هن چيو ته هڪ لک ڇهاسي هزار ميل في سيڪنڊ جي اسپيڊ سان ڪنهن جهاز ۾ ويهي ڪائنات جي هڪ ڇيڙي کان سفر شروع ڪجي ته هڪ ارب سال ۾ به ٻئي ڇيڙي تائين نه ٿو پهچي سگهجي.

ائين انساني شعور سوچ جي مسلسل استعمال ذريعي ترقي ڪئي، ايجادون ڪيون. آدمشماري وڌندي رهي، ڳوٺن مان شهر ٺهيا، مواصلات جو نظام وجود ۾ آيو. شعور جي ڪري دنيا ترقي ڪئي انسان مهذب ٿيو. وڌندڙ آدمشماري وري صدين جي سفر بعد انسان جي خواهشن آسائشن، لذتن جي لوڀ، انسان کي ماڻهپي مان ڪيندي وري Social Animal مان ڪڍي ڇڏيو. هن وري پٿر واري دور جو نقش ڏٺو. قدرت جي ڏنل قانون سان بغاوت ڪئي، ڪائنات جي منظميت مان سبق وٺڻ ڇڏي ڏٺو نتيجي ۾ وري فتنو، فساد ۽ جنگيون شروع ٿي ويون. ماڻهو غاصب بڻجي اونداهي طرف ڌڪجي ويا سندس شعور واري اک ٻوٽجي وئي ۽ اڄ وري انسان ان طرف سوچڻ تي مجبور آهي ته آخرڪار هن اونداهي واري زندگين مان ڪيئن نجات حاصل ڪجي.



دنيا هينئر هڪ Global Village (بين الاقوامي ڳوٺ) ٿي وئي آهي. هر قوم سوچي ٿي. هر فرد تي لازم آهي ته هو هن ذهڻ مان نڪري ان لاءِ

شعور جي اک کي کولڻو پوندو. سوچڻو پوندو، ترقي جو راز صرف ۽ صرف شعور کي بيدار ڪرڻ ۾ آهي.



سڌريل قومن شعور واري اک کي بيدار ڪندي ترقي ڪئي. اهڙا مثال تاريخ ۾ موجود آهن، جن عقل استعمال ڪيو ۽ سٺا معاشرا ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ تعمير ڪيا ڪالهه کان وڌيڪ اڄ ضرورت آهي ته هي خطو به ترقي ڪري، جنهن کي جنگ مان گذرڻو ٿو پوي. ان لاءِ تنظيمي ۽ گڏيل باهمي سوچ همت ۽ حڪمت عملي گهربل آهي، نه ڪي ڪوڪليون ڳالهيون ۽ نڪاءِ. آذان ڏيندڙ فجر جي آذان ڏيڻ لاءِ ڪنهن گهٽيءَ کان گذريو ڏٺائين ته هڪ دوڪاندار پنهنجو دوڪان کولي رهيو آهي،

اجان پنيرڪي ۽ هلڪي اونده هئي! مؤذن سوچيو ته ايترو سوير دوڪان کولي ٿو، شٽر مٿي ڪرڻ بعد هو ڀهريون ڪم جيڪو ڪندو سو هوندو لائيٽ جو ٻارڻ، مؤذن لقاءُ ڏسڻ لاءِ جهٽ گهڙي بيهي رهيو. ٿيو به ايئن ته دوڪاندار شٽر مٿي ڪرڻ کان پوءِ جيڪو پهريون ڪم ڪيو سو هيو دوڪان ۾ لائيٽ ٻاري سوجهرو ڪرڻ.

ان مثال سان اسان سمجهي سگهون ٿاته ڪميونٽي لاءِ ڪم ڪرڻ کان پهريان روشني پيدا ڪرڻ ضروري آهي. اجالو شعوري هجي يا مادي، ذهنن جي بيداري، سان چڱائي طرف وک کڻي سگهجي ٿو.

جاپان جي ذهن تي 1945ع کان اڳ تاريڪي ڇانيل هئي. هوائي (Hawai) بحرالڪاهل جو هڪ جزيرو آهي. سندس ساحل واري جڳهه جو نالو پرل هاربر (Perl Harber) آهي، جنهن کي آمريڪي سامونڊي بندرگاهه جو رتبو حاصل آهي. هي آمريڪا جو سڀ کان وڏو ۽ مضبوط بندرگاهه هيو. ٻي جنگ عظيم ڊسمبر 1941ع تي جاپان پرل هاربر تي پنهنجي هوائي جهازن سان حملو ڪيو. ان حملي ۾ آمريڪا جا تقريباً هڪ سو جنگي جهاز تباهه ٿي ويا. آمريڪا جاپان کي بدلي وٺڻ لاءِ ڌمڪيون ڏيندو رهيو. پر جاپان وري ان کي هلڪي ورتو ۽ سنجيدگي بدران پنهنجي طاقت جي نشي ۾ مگن رهيو.

ان عرصي ۾ آمريڪا ڳجهه ڳوهه ۾ ايٽم بم تيار ڪري ورتو ۽ 6 آگسٽ 1945ع جي رات هن ٻه ايٽم بم هيروشيما ۽ ناگا ساڪيءَ ماٿان اڇلايا. لکها ماڻهو قتل ٿي ويا، بلند منزل عمارتون خاڪ ۽ سرمي ۾ تبديل ٿي ويون.

جاپان جو شعور بيدار ٿي پيو، سندس تڪبر ۽ غرور جا نشا ٽٽي ويا. هن فوراً جيڪو ڪم ڪيو جنهن جاپان کي وري ترقيءَ جي بلنديءَ تي پهچايو، سو هيو "اعتراف" سندس قومي شعور اعتراف ڪيو ته غلطي اسان جي آهي. اسين اڳرائي ڪري آمريڪا جي پرل هاربر تي حملو ڪيوسين، آمريڪا اسان کي وارننگ ڏيندو پئي رهيو ته هوشيار ٿجو، پر اسان ان وارننگ کي (Light) هلڪو ورتوسين.

ان قومي شعور جي بيداري اعتراف ڪيو، ان بعد جاپاني قوم جنگ بدران محنت طرف لاڙو ڪيو. هن کي دنيا جي جيڪا به سٺي شي ملي پئي ان جو نقل پئي تيار ڪيائون ۽ نتيجي ۾ اصل کان وڌيڪ سٺيون شيون تيار ٿينديون رهيون. اهڙي مسلسل محنت جدوجهد، جفاڪشي ۽ ولولي جي ڪري جاپانين ٻيهر ناگاساڪي ۽ هيروشيما شهر ٺاهيا جيڪي پهريان کان به وڌيڪ خوبصورت آهن. ويڪرا رستا، منصوبه سازي ۽ نقشن تحت ٺهيل عمارتون، سرسبز باغ هنن ايندڙ نسل لاءِ هڪ ميوزيم به ٺاهيو ۽ ڪجهه سرمو ٿيل عمارتون محفوظ ڪري ڇڏيون ته جيئن قوم کي پنهنجي حيثيت ياد هجي، هو جڏهن به فخر ڪن ته پنهنجو اصل نه وسارين.

هينئر جاپان حملي آور کي بہ قرضي ڪري وڌيو آهي. دنيا جي سيني مارڪيٽن ۾ سندن ڇاهيل شيون وڪامجن ٿيون. آمريڪا ۾ هڪ ڪتاب ڇپيو جيڪو سڀ کان وڌيڪ وڪامجي ٿو جنهن جو نالو آهي. "Japan Number One" ان ۾ لکيل آهي تہ جاپاني قوم شعور ۾ ترقي ڪئي، نتيجي ۾ سيني کان گوءِ ڪڍي ويو. هي سڀ کان وڌيڪ دولتمند ملڪ آهي. هن پنهنجي شڪست کي طاقت ۾ تبديل ڪندي ترقي ڪئي جنهن جو مثال اڄ تائين قائم آهي. جاپان جي ثقافت ۾ ٽيم ورڪ جو جذبو آهي، جنهن کي اتحاد، ذهني هم آهنگي ۽ هڪ مقصد جي حاصلات لاءِ قوم پوري طاقت لڳائي ڇڏي سگهجي ٿو. اهڙو ڪم شعور جي تبديلي ڪري ممڪن آهي.

"A national sprit of compromise & cooperatives and willingness to endure short term set backs for long term good of the nation, organization or family"

سندن اهڙي شعور جي ترقي کين صنعتي، تعليمي ۽ علمي ميدان ۾ پاڻ مڃرائڻ کي موڙي ڇڏيو. هنن ڏهن سالن ۾ ترقي ڪئي ۽ ٻيهر طاقتور حيثيت حاصل ڪري ورتي. انهن ۾ هڪ ٻئي تي اعتماد جو جذبو پيدا ٿي ويو. جاپاني واپار جا معائدا ٻين ملڪن سان اڪثر زباني ئي ڪندا رهيا آهن. هو لک پڙهہ ۽ قانوني معائدن ۽ لفظن جي ويڙهہ بدران عمل ۾ يقين رکن ٿا.هن تہ هنن وٽ ڪورٽن ۾ ڪيس ئي ڪونہ آهن. اتي وڪيلن جو تعداد آمريڪا جي نسبت ۾ بہ گهٽ آهي (آمريڪا ۾ لک کن وڪيل هوندا تہ جاپان ۾ فقط ويهہ هزار آهن.)

جاپان جي زبان ۾ نڪتل لفظ معاهدو ٿي ويندو آهي ان ڪري هنن دنيا ۾ پنهنجو ويساهہ قائم ڪري ورتو آهي. سندن باهمي اتحاد "Team Work" جذبي ۽ قومي آهنگي جهڙين سوڪڙين ملڪ کي تباهي مان ڪڍندي ترقي طرف گامزن ڪيو. اهڙي شعور کي شاباس هجي، ان مان سبق سکڻ گهرجي.

اسين بہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن وارا سماجي تحرڪ "Social Mobilization" جو "Tool" استعمال ڪندي غريب ماڻهن جون تنظيمون ٺاهيندا آهيون، کين رضامندي، شراڪتي ترقيءَ جا درس ڏيندا آهيون ۽ باهمي اتحاد جي مالها ۾ پوئيندي VO ۽ LSO ٺاهيندا آهيون.



اسان جي اهڙين ڳالهين جو نتيجو اڃان ڇپان جهڙي شعوري ترقي جهڙو تہ ڪونہ نڪتو آهي، شايد اعتبار ۽ ڪارڪردگي جو وکر اڃان نہ وڌيو ويو آهي يا ماڻهن ۾ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جي همت جُرات ۽ سگهہ ڪانہ بچي آهي.

**

# دائپي جي تربيت حاصل ڪندڙ امام زادي

ساجد حسين ابڙو



سرسو ڳوٺاڻين عورتن کي مختلف شعبن ۾ تربيتون ڪرائي ٿي ته جيئن ڳوٺاڻين عورتن ۾ ذهني اوسر ۽ سجاڳي بيدار ٿئي ۽ هو پنهنجين لاچارين، مجبورين ۽ تڪليفن کي آسانيءَ سان ختم ڪري سگهن.

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڪيترن ئي سالن کان "روايتي پيدائشي گهر" حامله عورتن لاءِ رابطي جو پهريون ذريعو رهيا آهن. گهوٽڪي ضلعي جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ رهندڙ حامله عورتون ضروري ۽ اهم معلومات کان بلڪل بي خبر هونديون آهن. ۽ مجبوريءَ ۾ هو"روايتي پيدائشي گهر" ڏانهن رخ ڪنديون آهن. جتي ويم دوران سڌوسنئون اثر ٻار ۽ ماءُ جي صحت تي پوندو آهي ۽ حامله عورتن کي اُتي شديد تڪليف کي به منهن ڏيڻو پوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي عورتون ۽ ٻار هر سال موت جو کاڄ پڻ بڻجي وڃن ٿا.

گهوٽڪي ضلع جي ڳوٺ مير خان گبول جي ماڻهن جو ذريعه معاش زراعت ۽ مال مويشي تي آهي. هن ڳوٺ جا رهواسي زندگيءَ جي اهم سهولتن کان اڃان تائين محروم آهن. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عمر رسيده عورتون ئي ٻار ۽ ماءُ جي صحت جو خيال رکنديون آهن ۽ مختلف ٽوٽڪا ڦيڻا پڻ ڪنديون آهن. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ٻار ۽ ماءُ جي لاءِ وبالِ جان بڻجي ويندا آهن.

ڳوٺ مير خان گبول جي رهواسڻ امام زادي 50 سالن جي عورت آهي. هن کي ٽي ڌيئرون آهن ۽ ڪيس پٽ جي اولاد نه آهي. انهيءَ ڪري هوءَ ماٽيلن پٽن سان گڏ رهندي آهي. امام زادي ڳوٺاڻين عورتن جي درد ۽ تڪليفن کي محسوس ڪيو ۽ سوچيو ته ڳوٺ ۾ داين جي اڻهوند آهي ۽ جيڪي آهن سي به تربيت يافته نه آهن. انهيءَ ڪري حامله عورتن کي ويم وقت ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. انهيءَ ڳالهه کي هن گهرائيءَ سان محسوس ڪيو ۽ ۽ دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته چوڻ دائپي جي مڪمل تربيت حاصل ڪري ڳوٺاڻين عورتن جي لاءِ ڪجهه بهتر ڪم ڪيان. پوءِ امام زادي سوچيو ته گڏجاڻي ۾ ميمبرن کي چونديس ته آءُ سرسو اداري کان دائپي جي تربيت وٺڻ چاهيان ٿي. پر ان کان پهريان هن بهتر سمجهيو ته پنهنجي گهر واري سان صلاح مشورو ڪجي، پوءِ جڏهن هن پنهنجي مڙس محسن (عمر 53 سال) سان اها ڳالهه ڪئي ته هُن بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه کي به ٽي مهينا گذري ويا پر امام زادي هار نه مڃي ۽ پنهنجي مڙس کي مسلسل زور ڀريندي رهي ۽ آخرڪار هن کي راضي ڪري وڌائين، ان ڏينهن امام زادي جي خوشيءَ جي ڪا حد نه هُئي. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هن ڳوٺاڻي تنظيم جي گڏجاڻي ۾



ميمبرن سان ڳالهه ڪئي ۽ پوءِ جلد ئي سرسو جي ٽيم سان رابطو ڪيو ۽ سرسو جي پليٽ فارم تان 10 ڏينهن جي تربيت حاصل ڪئي. تربيتي ٽيم امام زادي جي شوق ۽ سکڻ ۾ دلچسپي کي ڏسندي حيران هُئي ته امام زادي کي ڪيڏي نه عورتن سان همدردي آهي ۽ هوءَ شوق سان سکي رهي آهي. ٻين جي ڀيٽ ۾ هوءَ وڌيڪ دلچسپي وٺي رهي هئي. تربيتي ٽيم امام زادي کي بهترين سکندڙ جي خطاب سان گڏوگڏ هڪ کٽ انعام طور پڻ ڏنو.

امام زادي جي چوڻ مطابق ته جڏهن دائي جي تربيت حاصل ڪري واپس ڳوٺ آيس ته شروع شروع ۾ ڳوٺاڻن جو اعتماد گهٽ هو پر ٻن ٽن حامله عورتن جو ويم ڪرايم الله جي فضل سان بلڪل صحيح ۽ سٺي نموني سان ان ڪانپوءِ ماڻهن جو اعتماد ٿيو ته امام زادي هڪ تربيت يافته دائي آهي. هاڻ مهيني ۾ 4-3 عورتون ويم لاءِ اينديون آهن. جتي غريب ڪڙمي هزارين روپيه ڀريندا هئا. اُتي آءُ هر ڊليوري تي 1500 سؤ کان 2000 هزار روپين تائين وٺان ٿي جيڪا رقم هو خوشي خوشي سان ڏيندا آهن.

الله پاڪ جو شڪر آهي ته هاڻ ڳوٺ مير خان گبول ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ ويم جي حوالي سان ڪابه اڻوندڙ ڳالهه سامهون نه آئي آهي.

امام زادي وڌيڪ چوي ٿي ته آسپاس جا ڳوٺاڻا هاڻ مون تي ڀاڙڻ لڳا آهن ان ڪري آءُ جتي ڪٿي پهچي نٿي سگهان. تنهن ڪري مون ڳوٺ جي ٻين عورتن کي به سرسو جي پليٽ فارم تان دائي جي تربيت وٺڻ لاءِ آماده ڪيو آهي، ۽ انهن کي به دائي جي تربيت ڏياريندس ته جيئن وڌ کان وڌ عورتن کي فائدو پهچي. مان ۽ منهنجي ڳوٺ جون عورتون سرسو جي انهيءَ ڏنل تربيت مان مڪمل خوش آهيون. ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته اڳتي به وڌيڪ تربيتون حاصل ڪيون ته جيئن خوشحاليءَ طرف گامزن ٿي سگهون.

## ❊ سچا موتي ❊

- اهو شخص جلدي مري ويندو جيڪو صرف پنهنجي لاءِ زنده آ. ۽ اهو شخص ڪڏهن به نه مرندو جيڪو ٻين لاءِ زنده هجي.
- غلط راهه تي هلڻ سان منزل جلدي پري ٿئي ٿي، ليڪن آهسته آهسته پري کان پري تائين ٿي وڃي ٿي.
- اسين سڀ رهون هڪ دنيا ۾ ٿا. مگر اسان سڀني جي دنيا الڳ الڳ آ.
- اسان ماڻهو ٿوري فائدي جي خاطر وڏو ڪوڙ ڳالهايون ٿا. چا گهٽي فاعدي جي خاطر ٿورو سچ نٿو ڳالهائي سگهجي.
- برائي ۾ ڪشش صرف ان وقت تائين آ جيستائين ان کي اختيار نٿو ڪيو وڃي.
- اسان جو بدترين دشمن اهو آهي جيڪو دوست بڻجي زندگي ۾ داخل ٿيو آ ۽ بدترين دوست اهو آ جيڪو دشمن بڻجي جدا ٿئي ٿو.
- جيڪو شخص موقعن کي استعمال ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا، انهن لاءِ ڪوئي موقعو، موقعو نٿو رهي.
- اڄ تائين دنيا ۾ جيڪو به شخص حق جي ڳالهه ڪئي اٿيو آ. شروع شروع ۾ زياده ماڻهن ان جي مخالفت ڪئي آ بلڪ مخالفن ئي ان ڳالهه کي ٻين تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.
- سمجيهو ته خدا اڄان اوهان کي ڪجهه ڏينهن ڪرڻ لاءِ ڏنا آهن. ۽ خدا جي منصوبي مطابق اوهان کي ڪجهه اهو ڪرڻو آهي، جيڪو اوهان نه ڪيو آهي.
- ڪنهن جا عيب ڪڍڻ کان بهتر چپ رهڻ آهي. ان کان به بهتر ڪنهن جون خوبيون بيان ڪرڻ آهي.
- آزمائش سامهون هجي ته جان، مال ۽ پنهنجن جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي، صرف فرض جي ادائگي نظر ۾ هجي.
- تنگ حال هجڻ ۽ ان کي ظاهر نه ڪرڻ ايتروئي مشڪل آ، جيترو اقتدار کي پهچي آپي ۾ رهڻ.
- پئسا گهر ۾ رکي الله الله ڪرڻ مان چا فائدو، نيڪي اها آهي ته هن ڦهلايل ٻڪ ۽ ٻاهه کي ختم ڪري ان نظام کي برباد ڪيو وڃي.

# LSO الهركيو شيخ پاران ملهايل هنري ميلو

نصرت پروين گلال
سوشل آرگنائيزر راٺيپور يونٽ



پورهيو ڪيڏو عظيم ٿئي ٿو ۽ خوداعتمادي انساني حيات لاءِ ڪيڏي اهميت رکي ٿي. ان ڳالھ جو اندازو ڪنهن عظيم ڏاهي جي هن قول مان لڳائي سگهجي ٿو تہ "مونکي فخر آهي تہ آءٌ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيس، محتاجي ۽ غربت مونکي سيکاريو تہ ڪامياب زندگي گذارڻ جي لاءِ جدوجهد، لاڳيتي جدوجهد، ڪيترو ضروري آهي!"

انهيءَ جي عڪاسي اسان کي ڳوٺ الهركيو شيخ يونين ڪائونسل سَمي تعلقہ صوڀوديرو ضلع خيرپور ۾ نظر آئي هي ڳوٺ راٺيپور يونٽ آفيس کان 12 ڪلوميٽر پري اولھ طرف واقع آهي. جتي سرسو اداري جي انٽرپرائيز سيڪٽر سان گڏجي LSO سَمي جي محنت ڪش عورتن پنهنجي هنر جي ماهراڻہ ڪاريگريءَ جا جوهر ڏيکارڻ ۽ هن بهترين هنر کي مڃتا ڏيارڻ لاءِ هڪ روزه هنري ميلو منعقد ڪرايو.

هنر ڪاريگري اسان جي سنڌ جي ثقافت آهي. انهي جو بنياد رسم و رواج سنڌ جي ڳوٺن ۾ اڄ بہ زنده ۽ آباد آهي ۽ انشاالله دنيا جي تخليقن تي نمايان حيثيت ۾ رهندو.

سنڌ جي ننڍڙن ڀهراڙي وارن علائقن ۾ هٿ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ ڳوٺن جون عورتون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ڀهراڙي جي عورتن جي هٿ جي هنر سادگيءَ ۽ ڪاريگري اسانجي ثقافت تهذيب ۽ تمدن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

حديث شريف آهي تہ "پورهيت خدا جو دوست آهي" ان ڳالھ ثابت ڪري ڇڏيو تہ غريب ماروئڙا پنهنجي پيٽ گذر لاءِ ڏينهن رات حق حلال جو محنت ۽ پُورهيو ڪن ٿا ۽ هو خدا جا دوست آهن. ايل.ايس.او سَمي جون جفاڪش عورتون محنت ۽ ڪاريگريءَ ۾ پنهنجي دردن، تڪليفن کي درگذر ڪندي پنهنجي هٿن جي آڱرين جي ڦري وڃڻ جي پرواھ ڪئي بنا. پنهنجي محنت ۽ جفاڪشي کي جاري رکيون پيون اچن. سرسو انٽرپرائيز سيڪٽر جي ڀرپور تعاون سان ڳوٺن ۾ هنري سکيا جا عمل اڃان بہ جاري آهن.



ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ "اسين ڪنهن انسان کي ڪا شيءِ سيکاري نٿا سگهون، بلڪ پاڻ اُن کي ان جي اندر ڳولڻ ۾ مدد ڏئي سگهون ٿا." سرسو انٽرپرائيز سيڪٽر جي ڪوشش رهي آهي تہ هنرمند عورتن جي لڪيل صلاحيتن کي اڃان بہ وڌيڪ بهتر ڪجي تہ

جيئن هو پنهنجي هٿ جي هنر ۾ وڌيڪ صفائي ۽ مهارت آڻين ۽ مارڪيٽ جي گهرج مطابق شيون تيار ڪن ته جيئن سندن جي آمدني ۾ وڌيڪ اضافو ٿي سگهي.



ڳوٺ الهرکيو شيخ ۾ ايل.ايس.او جي صدر ذڪيه خاتون پنهنجي ميمبر عورتن سميت انهيءَ ميدان ۾ سرگرم عمل آهي. ذڪيه پنهنجي ڳوٺ ۾ هنري گروپ جي رهنمائي ڪري ٿي. هن ڳوٺ ۾ رليون، ڪپڙن تي ڀرت، وهاڻن جي ڀرائي، ڪپڙن جي سبڻ، پنڊين، وڃڻن وغيره جهڙا هنر هن ڳوٺ جي ڪاروبار جو مکيه سبب آهن، جنهن سان تنظيم جي ميمبرن جي آمدني ۾ به اضافو ٿئي ٿو. هن هنري گروپ جي ميمبر عورتن جي ڪيل ڪاوشن کي مارڪيٽ ۾ آڻڻ ۽ انهيءَ مان آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ شروعاتي طور تي LSO سمي ۾ هڪ روزه هنري ميلو لڳايو ويو. جنهن ۾ آسپاس جي ڳوٺاڻين تنظيمن کي پڻ شرڪت جي دعوت ڏني وئي. هن ميلي ۾ مختلف تنظيمون جنهن ۾ VO نواڙي، VO الهرکيو شيخ، عرض محمد پٽي، سيد وريل شاهه، دل خوشي سگيون ۽ سرسو جي ٽيم پنهنجا پنهنجا هنري اسٽال لڳايا. هن ميلي ۾ وڏي انگ ۾ عورتن شرڪت ڪئي. اسٽالن تي رکيل هٿ جي هنر کي عورتن تمام گهڻو ساراهيو ۽ سٺي مقدار ۾ خريداري پڻ ڪئي. جنهن سان اسٽال وارن جا حوصلا بلند ٿيا ۽ سندن سٺي آمدني ٿي. هن ميلي ۾ هنرمند عورتن کي تمام گهڻي حوصلاافزائي ملي ۽ وڌيڪ بهتر شيون مارڪيٽ ۾ آڻڻ جو پڻ عزم ڪيو. هي ميلو صبح 9 بجي کان شروع ٿيو ۽ شام 5.30 تائين جاري رهيو. آخر تائين عورتن ۽ ٻار اسٽالن تان خريداري ڪندا رهيا. ذڪيه جيڪا هن سموري ميڙ ڪاروان جي اڳواڻ هئي تنهن چيو ته اسين اهڙا پروگرام سرسو جي تعاون سان هر يونين ڪائونسل ۾ ڪنداسين ته جيئن آسپاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي معياري شيون مناسب اگهه ۾ مهيا ٿي سگهن ۽ هنرمند عورتون پنهنجي گهر جي ڪاروهنوار کي به اڳتي چڱي طرح وڌائي سگهن. اهڙين فني مهارتن کي پذيرائي ملي ۽ ان جي رابطه ڪاري وڏين منڊين سان ٿئي ته جيئن پورهيت عورتن جي نامه چاري ٿيندي سندن آمدني ۾ اضافو ٿئي ۽ هي گُڙ صنعت جو درجو اختيار ڪرڻ طرف وک وڌائي سگهي.



*

# كيسَ : هڪ تاريخي هنر

ثمينہ برڪت علي

دنيا جو هر هنر ۽ شاهڪار قدرت جي ذات جي جهلڪ بيان ڪري ٿو بيشڪ اهو ڪنهن ڪاغذ تي چٽيل فن پارو هجي يا سنڌ جي سُئي سُٽ جي رنگن جو اٿيل چار هجي مطلب تہ هرهڪ هنر پنهنجي جاءِ تي تخليق سازي جي الڳ الڳ منزل بيان ڪري ٿو ۽ ڪائنات جي رنگن ۾ پنهنجي هڪ سجاڳ چٽي ڇڏي ٿو. سونهاري سنڌ جي پاڪ ڌرتي انيڪ فن پارن ۽ هنرن جي مجموعن ڪي پنهنجي مَنَ ۾ سانديو اچي ٿي. جي نگاهہ ڪجي تاريخ جي پُرائڻ ورقن ڏانهن تہ پاڪستان جي وجود ڪان ڪيترائي ورهہ اڳ سنڌ ڌرتي هنري لياقتن مهارتن ۽ شاهڪارن سان مالا مال رهي آهي. اجرڪ، ٽوپي، رلي، هُرمچ، ڪيسَ، ڪاڏي، جنڊي، موڙا، ڇڄ، پنڊيون، غاليچا ۽ ٻيون اهڙيون هزارين سوکڙيون سنڌ جي مارو ماڻهن پنهنجي محبت ۽ اڻ ٿڪ محنت وارن جذبن سان تيار ڪيون آهن. جيڪي هر دور ۾ اسان جي گهرن، اوطاقن، مهمان نوازي ۽ سوکڙين پاکڙين جو شان ۽ مانُ رهيون آهن. اسان جي ثقافتي قدرن جو اهڃاڻ رهيون آهن. اسان جي عيدن توڙي شادين مطلب تہ ڪابہ گڏجاڻي انهن هنري رنگن جي سينگار ڪان سواءِ بي رونق ۽ بي رنگ آهي.



ضلعي خيرپور جي تعلقي صوبوديري جي ڪچي واري علائقي ۾ اولهائين طرف انب ڳوٺ نالي هڪ وسندي آباد آهي. هن ڳوٺ جي خاص هنري سجاڳ ڪيسَ جي ڪپڙي جي آڏاڻي تي اُڻت جي ڪري آهي. هن ڳوٺ ۾ هيرن جيان قيمتي ڪاريگر مٽيءَ جي ڪڏين ۾ سارو سارو ڏينهن ويهي هي قيمتي ڪپڙو تيار ڪن ٿا.

تقريباً 15-20 سال اڳ هن ڳوٺ ۾ 200 ڪان وڌيڪ هٿ جي هنر جا آڏاڻا / ڪڏيون موجود هيون ۽ انهن ڪڏين ۾ 400 ڪان وڌيڪ (عورتون ۽ مرد) ڪاريگر ڪم ڪندا هئا. هن ڪم جي ڪاروبار کي اڳيرو ڪرڻ ۾ گهڻو عرصو اڳ گمبٽ شهر جي ڪجهہ ميمڻ واپارين پنهنجو بهتر ڪردار ادا ڪيو. ملاحن ۽ سومرن جي ڪاريگريءَ کي سٽيي ملهہ تي وڪرو ڪرڻ وارا ميمڻ واپاري آهستي آهستي پنهنجو هٿ ڪڍي ويا ۽ ايتريقدر جو وڏي عمر وارن ميمڻ واپارين جي فوت ٿي وڃڻ ڪانپوءِ هي هنر ڄڻ ڪو لاوارث ۽ يتيم ٿيڻجي ويو.



هن هنر جو اوج ۽ چمڪ تي اونداهي جا ڪارا پاچا گهر ڪري ويا، جو اڄ هي هنر تباهيءَ جي ڪناري تي اچي پهتو آهي. ثقافت کاتي جي ڪامورن بہ ڪڏهن ڪڏهن سوکڙي پاکڙي طور استعمال تائين هن انمول هنر کي محدود رکيو آهي. موجوده دؤر ۾ اُسرندڙ

ڪجھ هُنري ۽ ڪاريگر قدرشناس ادارن پاران ڪڄندڙ قدمن به هنن هنرمندن جا ٽڪ لاهي نه سگهيا آهن. نتيجي طور اڄ هن ڳوٺ ۾ اڻ ملھ هنر جون باقي 30 ڪڙيون ۽ 60 ڪاريگر وڃي بچيا آهن. جيڪي پنهنجي ابن ڏاڏن جي هن هنر کي جاري رکيو پيا اچن، ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ روزي ڪمائي رهيا آهن. پر هنن ڪاريگرن جي به ڏينهون ڏينهن حالات اڳتي بجاءِ پوئتي ڌڪجي رهي آهي. ڇوته اڄ به کين صحي معاوضو نٿو ملي، سامان مهانگو



ٿي ويو آهي ۽ خريدارن ۽ قدردانن جي کوٽ پڻ ٿي وئي آهي.

معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته ڪاريگرن کي اجرت ڪپڙي جي ماپ جي حساب ملي ٿي 10-12 ڪلاڪ روزانو ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ کين 200 روپيه مزدوري / معاوضو ڏنو وڃي ٿو، هن ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ سمورو سامان واپاري (سيٺيون) وٺي ڏيندا آهن. هنن ڪاريگرن کي صرف ڏهن ٻارنهن ڪلاڪن جي مزدوريءِ عيوض ٻه سؤ روپيه ملن ٿا جيڪي هن مهانگائي جي دؤر ۾ ناڪافي آهن. هيئنر ڪجھ مقامي ماڻهن ڪرُ ڪنيو آهي جيڪي هنن غريب ڪاريگرن جي هنر، محنت ۽ ڪشالن جو پُگڙن مُٺ جيان معاوضو ڏيئي پاڻ ڳري رقم ۾ ڏورانهين منڊين ۾ سامان وڪرو ڪن پيا. نتيجاً غريب ڪاريگر سُٺي معاوضي کان محروم رهجيو پيا وڃن.

اڄ جي مهانگائيءِ جيئن غريب ماڻهن جي چيلھ ڀڃي ڇڏي آهي ۽ تهڙوئي حال هن ڳوٺ جي هنرمندن جو آهي. سچ پچ اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا جڏهن هن ڳوٺ جي ڪجھ هنرمند عورتن جي ڪِرندڙ صحت، ڪچن ۽ سوڙهن گهرن تي نظر پئي. ڪجھ عورتون ۽ مرد رات ڏينهن هي ڏکيو ڪم ڪري جسماني طور تي معذور پڻ ٿي چڪا آهن. پر پنهنجي خاندان جي ڪفالت ۽ غربت سبب کين ڪم پرڻو ٿو پئي.



اڄ تائين هنن مسڪينن کي سواءِ همدرديءِ جي ٻن جملن کان وڌيڪ ڪوئي ڪجھ نه ڏئي سگهيو آهي. هن ڳوٺ جي هڪ تخليڪار، محنتي ۽ جهوني ڪاريگر پنهنجي خيالن جو اظهار ڪجھ هن طرح سان ڪيو ته: "اسين اڌ قبر ۾ پنهنجي ساري حياتي گهاريون ٿا ۽ پچاڙيءِ ۾ ڪُٻا ۽ معذور ٿي وڃون ٿا. پر، سرڪار توڙي ڪاروباري ۽ واپاري ماڻهن وٽ اسان جو ڪوئي قدر ڪونهي". هڪ ڪاريگر جنهن جو نالو لعل بخش آهي سندس نالي وانگر هن جي ذهن ۾ هيرن، لعلن ۽ رونقن جيان قيمتي ۽ مَنَ موهيندڙ فن پارن جو ڀنڊار ڀيل آهي. جڏهن مان هن کي چيو ته الله تعاليٰ توهان کي ايترو هنر ۽ صلاحيت عطا ڪئي آهي ته پوءِ توهان هي پنهنجو هنر ڪنهن مارڪيٽ ۾ کپائڻ لاءِ پاڻ ئي بندوبست ڇو ڪونه پيا ڪريو. تنهن تي هن هنرمند وراڻيو: "بازار مصطفيٰ خريدار خدا" هنر ته جام آهي پر خريدڻ وارا قدردان هتي ناهن ۽

هن مهانگائي جي دؤر ۾ اسان کي معيار ۽ منافعي بخش معاوضو ڪونہ پيو ملي. تنهن ڪري ڏينهون ڏينهن هن هنر جي حياتيءَ جو ڏيئو اجهامندو پيو وڃي.



سرسو اداري طرفان هن ڳوٺ ۾ سال 2010ع ۾ تنظيم سازي جو عمل شروع ٿيو ۽ سال 2012ع اپريل ۾ سرسو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪشن پاران هن ڳوٺ جو معائنو ڪيو. سڀ کان پهريائين هن ڳوٺ جي 19 مستحق ميمبرن کي صبا پاڪستان سان رجسٽر ڪرايو ويو ۽ بعد ۾ لڳ ڀڳ -/50,000 هزارن جو آرڊر پڻ هنرمند عورتن کي ڏياريو ويو. سرسو سرتين سنگ مارڪيٽ پڻ -/40,000 هزارن جو ڪم تيار ڪرائي پنهنجي دوڪان تي رکيو. گذريل ٽن مهينن دوران هڪ انٽرنيشنل ڊزائينر سحر مرزا پڻ هن گروپ جي ڪم هنري ماهرن ۽ حالات جو جائزو ورتو ۽ آئينده هن ڪم کي ناٿي واري يورپ جي مارڪيٽ ۾ نئين انداز مطابق تيار ڪرائي وڪرو ڪرائڻ ۾ مدد ڏياڻ جو پڻ يقين ڏياريو آهي.

انهيءَ ڪانسواءِ انڊس هيريٽيج ٽرسٽ اسلام آباد پاران هڪ وفد هن ڳوٺ جي هنري ڪم ۽ ڪاريگرن جي موجوده ۽ اڳوڻي حالات جو تفصيلي ۽ تدريسي جائزو پڻ ورتو. وفد ۾ شامل پاؤلا (اٽليءَ جي ڊزائينر ۽ تحقيق دان) اسلام آباد جي ڪجھ ڄاڻو ۽ سوشل عورتن تمام گهڻي وضاحت سان هن ڳوٺ جي هنري قدرن جي لاءِ ڪجھ اڳڪٿيون پڻ ڪيون. جنهن ۾ هنن چيو تہ هن هنر لاءِ راڻيپور شهر ۾ هڪ صنعت جو قيام رکجي ۽ هنرمند ڪاريگرن کي اتي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪجي، ان سان گڏوگڏ هنر جي ڄاڻو ۽ ماهرن لاءِ نمائشي پروگرام پڻ ترتيب ڏجن ۽ مشهوري ڪجي تہ جيئن هن هنر جي مقامي سڃاڻپ کي اندروني ۽ غيرملڪي سطح تي نامور طريقي سان پڌرو ڪجي. انهيءَ سان ڪاريگرن جي حوصلاافزائي ۽ مالي سهائتا بهتر ٿيندي.



انهيءَ طريقي سان هن هنر کي هٿي ڏيارائڻ بعد ملڪي ۽ غيرملڪي سطح تي ناڻو پڻ ڪمائي سگهجي ٿو، جنهن سان هنرمند ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديلي پڻ اچي ويندي ۽ هو خوشحال زندگي جي گس تي گامزن ٿي ويندا.

**

# بزرگن جي تنظيم

جميل سومرو




ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته وڌندڙ ڄمار هڪ خوشي به آهي ته هڪ چيلينج به. سنڌ سميت پوري دنيا ۾ بزرگن جو تعداد تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. اهڙي صورتحال بلاشبه خوش آئند پڻ آهي پر پريشان ڪندڙ به، ڇوته بُزرگي پاڻ سان گڏ انيڪ مسئلا ڪٺي ايندي آهي. جڏهن بُزرگ ڪجھ ڪرڻ جي سگھه نه رکن هٿ پير جواب ڏيئي وڃن. اکين جي روشني ختم ٿي وئي هجي يا گھٽ ٿي چُڪي هجي ته هي ويچارا ٻين جا محتاج ٿي ويندا آهن. هنن کي زندگي جي هر قدم تي ٻين جي سهاري جي ضرورت پوندي آهي، ڪجھ وڏي ڄمار جي بزرگن کي ته باٿ روم تائين پهچائڻ ۽ آڻڻ ۾ پڻ سهاري جي ضرورت هوندي آهي. جتي بُزرگن جو احترام ڪيو ويندو آهي انهن جي قدر ۽ محنتن کي تسليم ڪيو ويندو آهي اُتي انهن جي خدمت به عبادت سمجھي ڪري ڪئي ويندي. پر جتي ان صورتحال جي اُبتڙ هجي، اخلاقي قدر ته ٺهيو انساني قدر به مَري چڪا هجن. اُتي بُزرگن کي بار سمجھيو ويندو آهي. هنن کي مال ملڪيت سمجھڻ بجاءِ ڪجھ بي ضمير ماڻهو ته بُزرگن کي هن فاني دنيا مان لاڏاڻي جون بدعائون ڏيڻ کان به ڪين ڪيٻائيندا آهن.

مهذب ۽ ترقي پذير ملڪن ۾ چيلينج کي وڌندڙ ڄمار جي فردن جي ڀلائي جي لاءِ گھڻو ڪجھ ڪري رهيا آهن. ڪيترن ئي ملڪن ته وڌندڙ عُمرين جي حوالي سان قانون ٺاهڻ سان گڏوگڏ ايندڙ ڏهن سالن تائين باقاعده حڪمت عملي به تيار ڪئي آهي. غريب بُزرگن لاءِ پينشن جو قيام سڀ کان وڌيڪ ملڪن ۾ عملي طور اختيار ڪيو ويو آهي. اسپتالن ۾ سندن مفت علاج لاءِ باقاعده الڳ ڪائونٽر ٺاهيا ويا آهن. سندن زندگي آسان ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ صرف حڪومتن ئي نه سول سوسائٽي به تمام گھڻو اثرائتو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو اتان جي بُزرگن ۾ سُڪون نظر اچي ٿو. جنهن عُمر ۾ انهن کي آرام جي ضرورت آهي هُو گھڻا مطمئن ۽ سهڻي زندگي گھارڻ جي قابل ٿي چڪا آهن. سنڌ سميت پاڪستان جي سيني علائقن ۾ ان حوالي سان حالتون انتهائي خراب نظر اچن ٿيون. هاڻي ته گھرن ۾ به بُزرگن جو اهو ادب ۽ احترام ناهي رهيو. عالمي ادارن جون رپورٽون ٻڌائن ٿيون ته سنڌ سميت پوري پاڪستان ۾ صرف غذائي ضرورتن جي کوٽ، انيڪ مسئلن ۽ مونجهارن ۾ جڪڙيل رهڻ سبب چاليهن سالن جي عمر تائين پهچڻ وارا ماڻهو به پوڙها نظر اچڻ لڳا آهن. 47 سيڪڙو بُزرگ مرد ۽ تقريبن 24 سيڪڙو بُزرگ عورتون محنت ۽ مزدوري ڪرڻ تي مجبور آهن ۽ تشدد جو شڪار ٿيندا آهن.



سوچڻ جي ڳالهه آهي ته پاڪستان دنيا جي آباديءَ جي لحاظ کان ڇهون وڏو ملڪ آهي ۽ انهن پندرنهن ملڪن ۾ شامل آهي جتي ستر سالن کان وڌيڪ عمر جي ماڻهن جو انگ هڪ ڪروڙ 16 لک آهي. سوال اِهو آهي ته اسان انهيءَ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ سينيئر شهرين جي ڀلائي جو بل



نهايت حوصلا افزائي وارا نتيجا ملڻ لڳا آهن. ڳوٺائي آبادي ۾ بارشن جي ستيل علائقن ۾ رهاڪن ۾ کاڌ خوراڪ جا سامان پهچائڻ، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪميونٽي سطح تي تربيت ڏيارڻ، زراعت، امداد سميت تعليمي فروغ سنڌ جي انهن علائقن ۾ جهڙوڪ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي.

هيلپ ايج پروجيڪٽ تحت جيڪب آباد ۽ شڪاپور ضلعن ۾ تازو ئي 1535 بزرگن جي اکين جو مفت آپريشن ڪرايو ويو ۽ کين دوائون پڻ فراهم ڪيون ويون. 1800 کان وڌيڪ ماڻهن ۾ ويل چيئر ۽ واڪنگ اسٽڪ فراهم ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه 51 سوشل ويلفيئر رجسٽرڊ ڪرائي تنظيمن ۾ 2 ڪروڙ ڏنا ويا آهن. جڏهن ته 255 ماڻهن ۾ 10-10 مرغيون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. هي رجسٽرڊ تنظيمن باقاعده طور تي سنڌ حڪومت جي سوشل ويلفيئر کاتي ۾ رجسٽرڊ ڪرايون ويون ۽ هڪ تنظيم ۾ 60 بزرگن جي ميمبرشپ آهي. جن کي سرآر.سي تحت في ميمبر کي 10 هزار روپيه پڻ ڏنا ويا آهن. سرسو پاران شڪارپور ۽



جيڪب آباد ضلعن ۾ ڪُل 61 اولڊ پيپلز ايسوسيئيشن قائم ڪيون ويون آهن. جن جي ميمبرن جو تعداد 3 هزارن کان وڌيڪ آهي. سندن ئي علائقن ۾ 20 هزارن کان وڌيڪ پوڙهن مردن ۽ عورتن ۾ ملڪ جا ماهر اکين جا ڊاڪٽر گهرائي سندن اکين جي اسڪريننگ ڪرائي وئي جنهن کان پوءِ عينڪون فراهم ڪيون ويون ۽ 1435 بزرگ مردن ۽ عورتن جا موتيا جا آپريشن ڪرائي کين مڪمل تحفظ جو احساس ڪرايو ويو. ان سان گڏوگڏ کين ڪموڊ به فراهم ڪيا ويا آهن. 39 هزار نوجوانن ۽ بُزرگن کي قدرتي آفتن کان بچاءَ لاءِ ٽريننگ پڻ فراهم ڪئي وئي آهي ۽ کين گهربل سامان به مُهيا ڪيو ويو آهي.

**ڪيل ڪم جو وچور هيٺ ڏجي ٿو**

| اکين جون لڳايل ڪيمپون | اکين ڪيل جا آپريشن | مريضن کي ڏنل عينڪون | مريضن ۾ ورهايل دوائون | ڏنل تربيتون | رفريشر ڪورس | صحت بابت ڪورس | گروپس OPA | ميڊيا ڪانفرنس | مريضن کي ڏنل ويل چيئرس |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 3062 | 374 | 1093 | 1441 | 1286 | 1286 | 42 | 102 | 30 | 31 |







# ڪامياب زندگيءَ طرف هڪ وِکَ

شاهنواز منگي



ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ”جيڪڏهن اوهان سوچيو ٿا تہ توهان سڀڪجهہ ڪري سگهو ٿا تہ توهان بلڪل سڀ ڪجهہ ڪري سگهندؤ. پر جيڪڏهن توهان سوچيو ٿا تہ توهان ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندؤ تہ پوءِ اوهان ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهندؤ.“ ان ڳالهہ مان صاف ظاهر آهي تہ هرڪم فقط اٽل ارادن ۽ نيڪ جذبن سان ئي وابستہ آهي. ان کان علاوه ڪنهن بہ ڳالهہ کي حقير نہ سمجهڻ گهرجي، ڇوتہ پاڻي جو هڪ هڪ ڦڙو ملي ڪري تلاءُ ٺهي ٿو. ۽ پاڻي جو هڪ هڪ ڦڙو پٿر مٿان مسلسل ڪِري ان تي بہ پنهنجو نشان ڇڏي ٿو ڇڏي. اهڙي طرح بہ پيار پريا ٻول دِلين کي فتح ڪن ٿا. مطلب تہ ڪنهن بہ مسئلي جو حل جهيڙن ۽ نفرتن ۾ نہ آهي. اهڙن مسئلن مان جند ڇڏائڻ لاءِ وري بہ اسين گڏ ٿيون ٿا ۽ ڳالهيون ڪري اصلاح ڪريون ٿا تہ پوءِ اسان کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي تہ نفرتون، جهيڙا جن مان اسان کي جاني ۽ مالي نقصان آهي، ۽ جن جي ڪري ئي اسين غربت جي ڏهڻ ۾ ڦاسون ٿا تہ پوءِ ڇونہ اهڙن مسئلن مان جند ڇڏايون. پيار، محبت ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن کي سچائي ۽ همدردي جي جذبي سان ڀين ٿائين پهچايون ۽ هڪ ٻئي جو ڏکي، وقت ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار رهون. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن نيڪ جذبن سان ٽمتار سنڌ جي نون ضلعن جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ڳوٺاڻن جي اهنجن سهنجن کي سمجهڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ واسطي ڏينهن رات ڪوشان آهي. جنهنجو هڪ ننڍڙو مثال رقيہ جو آهي:

منهنجو نالو رقيہ آهي مون کي ٽي پٽ ۽ ٽي ڌيئر آهن، آءٌ ڳوٺ سڳيون تعلقہ صوڀوديرو ضلع خيرپور جي رهواسي آهيان، منهنجو گهر وارو صدورو ملاح، جيڪو هن وقت پيرسن آهي سدائين بيمار رهي ٿو ۽ ڪمائي جي سگهہ بہ نہ رهي اٿس، منهنجا ٻڙا بہ اجان ننڍڙا آهن ۽ هو بہ ڪمائڻ جهڙا نہ آهن، هنن معصومن جي پڙهڻ جي عمر آهي. پر غربت ۽ مجبوري سبب پڙهي بہ نٿا سگهن.

الله جو شڪر آهي، آءٌ انهن خوشنصيب عورتن مان آهيان جن جو قسمت ساٿ ڏيندي آهي. اڄ آءٌ جنهن مقام تي آهيان انهيءَ ۾ منهنجي تنظيم ”دل خوشي“ جي سائين جو وڏو ڪردار آهي. سرسو جي سوشل موبيلائزيشن ٽيم راڻيپور پاران جڏهن تنظيم ”دل خوشي“ جوڙي وئي تہ آءٌ بہ تنظيم جي ميمبر بڻيس، آءٌ پريشان رهندي هُيس پر تنظيم جي ساٿي عورتن منهنجي حوصلاافزائي ڪئي ۽ جڏهن بہ گڏجاڻي ٿيندي هئي تہ مونکي بہ سڏائي وٺنديون هيون، آءٌ غريب مسڪين تنظيمي سائين کي چوندي هُيس تہ آءٌ مسڪين آهيان توهان کي بچت ڪٿان ڏيان، تنهن تي تنظيمي سائين چيو تہ جيڪو ڏئي سگهين ٿي اهو ڏيندي ڪر، پوءِ آءٌ پورهيو ڪري ٿوري ٿوري بچت تنظيم ۾ جمع ڪرائيندي رهيس. هڪ ڏينهن گڏجاڻي ۾ مون تنظيمي سائين کي چيو تہ مونکي بہ اداري کان قرض وٺرائي ڏيو تہ ڪوئي ڪاروبار ڪريان وقت ڏاڍو تنگ ٿو گذري. منهنجي گذارش کي قبول ڪندي تنظيمي

عورتن منهنجي لاءِ هڪ قرض جي قرارداد لکي اداري ۾ جمع ڪرائي، جيڪا جلد منظور ٿي ۽ مونکي -/12000 جو قرض مليو. مون انهيءَ قرض کي تمام سهڻي نموني استعمال ڪندي محرابپور مان ڪپڙو وٺي آيس ۽ آٽي گهر ۾ ئي دوڪان کوليو. تنظيم جي ساٿين مونسان ڀرپور سات ڏنو، ۽ منهنجي دوڪان جو سڀني عورتن کي ٻڌاياٺون ته رڪيه گهر ۾ ڪپڙو رکيو آهي توهان کي شهر وڃڻ جي ضرورت نه آهي، توهان ڪپڙو هن کان خريد ڪريو. الله جي مهرباني سان هلندي هلندي مونکي انهيءَ رقم مان 7300 جي بچت ٿي، مون آهستي آهستي قرض



جي رقم اداري کي واپس ڪندي هڪ دفعو ٻيهر قرض ورتو ۽ وري ڪپڙو خريد ڪيو. اهڙي طرح منهنجي تمام سٺي بچت ٿيندي رهي، اڄڪلهه آسپاس جي ڳوٺن جون عورتون به مون کان ڪپڙو خريد ڪنديون آهن. ۽ هن وقت منهنجي دوڪان ۾ تقريباً -/90,000 هزار جو ڪپڙو موجود آهي. اسٿون تمام گهڻو خوش آهيان، گهر جو گذرسفر سٺو ٿي رهيو آهي. آئنده منهنجو ارادو آهي ته گهر جي هڪ پاسي ۾ هڪ سٺو دوڪان ٺهرايان جتي عورتن جي ڪپڙي سان گڏ گڏ مردانو ڪپڙو به رکان ته جيئن منهنجي آمدنيءَ ۾ اڃان به وڏيڪ اضافو ٿي سگهي. مون کي هاڻ خبر پئي آهي ته ناممڪن ڪجهه به نه آهي رڳو همت ڪرڻ جي ضرورت آهي، سرسو جهڙا سٺا ادارا اسان لاءِ موجود آهن. منهنجي سڀني مسڪين عورتن کي اها گذارش آهي ته مايوس ٿيڻ جي ضرورت نه آهي، سرسو ادارو اوهان جي علائقي ۾ موجود آهي انهيءَ کان سهڪار وٺو ۽ پنهنجو مستقبل روشن بڻايو.

◆

## ❊ سهڻا سخن ❊

- اگر ماڻهو پنهنجي پنهنجي حق تي راضي رهن، ۽ انصاف سان زندگي بسر ڪن ته انهن کي بادشاهه جي ضرورت ئي نه پوي.
- جيئن دشمنن تي احسان ڪيو ته دوست ٿي ويندا آهن تيئن دوستن سان ظلم ڪندؤ ته هو دشمن ٿي ويندا.
- نيڪيءَ ۾ بلند درجا تڏهن حاصل ڪندؤ جڏهن ٻُرن سان به سٺو هلو.
- سٺي ڳالهه جي حاصلات ۾ بري ڳالهه جي استعمال کان بچو.
- تنهنجي زندگي گهٽ آ، ڪم ان کان به گهڻا، عقلمندي ان ۾ آ ته زندگي صحيح ڪمن ۾ گذار.
- جڏهن تون ڪنهن جي طبيعت جو اندازو لڳائڻ گهرين ته ان کان ڪو مشورو گهر خير ۽ شر جي تميز مان سندس قدر قيمت لڳائي سگهين ٿو.
- ڪمزور اهو آ جيڪو پنهنجا راز به لڪائي نه سگهي ۽ طاقتور اهو آ جو غمن کي به تسڪين ۾ بدلائي ڇڏي. صابرين اهو آ جو غريبيءَ ۾ به صبر ڪري ۽ قناعت وارو اهو آ، جيڪو مقدر تي شاڪر رهي.
- جيڪو ماڻهو دنيا جي خواهش نفس کي پورو ڪرڻ ۾ لڳل رهي ٿو ته شيطان انهيءَ جي ڳولا کان بي فڪر ٿي وڃي ٿو انهيءَ ڪري ته اهو گمراهه آهي انهي کي گمراهه ڪرڻ ضرورت ناهي.
- انهيءَ جو حال ڪهڙو هوندو جنهن جي عمر گهٽجي رهي هجي ۽ گناهه وڌي رهيا هجن.

# ماڻهوءَ ماڻهپو

نثار احمد پٺاڻ

ڪائنات جي مڙني پراسرار خلقت مان انسان به هڪ پراسرار جيوت آهي، جنهن کي سيني جاندارن مان اعليٰ ۽ اتم رتبو حاصل آهي. دنيا جا سيئي مفڪر، سائنسدان، فيلسفوف، ويگ، طبيب، حڪيم هڪ انسان کي ته ڪونه سمجهي ۽ سمجهائي سگهيا آهن، پر ان جي هڪ عضوي دماغ دل ۽ روح کي به ڪامل وضاحت ڪونه ڪري سگهيا آهن. انسان جو روح ڇا آهي، جسم جي ڪهڙي حصي ۾ ٿو رهي، سندس Chemical Composition ڇا آهي، ڪٿان ۽ ڪڏهن ٿو اچي جسم ۾ داخل ٿئي! ڪابه سائنس ڪونه ٿي ٻڌائي، سر آئر موجب انسان هڪ قدم کڻي ٿو ته پورا 2 سؤ پنا حرڪت ۾ اچن ٿا.

اهڙي نموني دماغ جيڪو صوف جي وزن جيترو به مشڪل سان ٿيندو، جنهن دنيا جون حيرت انگيز ايجادات ڪيون آهن. جيڪو هڪ سيڪنڊ ۾ 800 ياداشتون محفوظ ٿو ڪري ۽ 80 سالن جي عمر تائين سالم ۽ صحيح طرح ڪم ٿو ڪري، تنهن جي طرز جي مشين ٺاهڻ جي سائنسدانن ڪوشش ڪئي ۽ چيائون ته ان ڪم لاءِ 120 منزله عمارت ٺاهڻي پوندي جتي FIS, MIS, MS ونڊوس ورڊس ياداشتون ۽ ٻيا Function رکڻا پوندا. اهڙي دماغي طرز جي مشين کي ٺاهڻ لاءِ 20 سال ڪڻ لڳي ويندا ۽ ٺاهي به وٺي ته ان تي ڪربين روپيا خرچ ڪندي ان کي هلائڻ لاءِ هڪ ارب واٽ بجلي ڪتب ايندي. پر خدا پاڪ اهڙو دماغ انسان جي کوپڙي ۾ رکي ڇڏيو جنهن کي انسان اڃان 20 سيڪڙو به استعمال ڪونه ڪري سگهيو آهي.

ڊاڪٽر اليڪس ڪيرل 1873ع هي فرانس جائو آهي جنهن اعليٰ سائنسي تعليمون حاصل ڪندي هڪ ڪتاب لکيو جنهن جو عنوان هيو ”Man is unknown“ انسان نامعلوم آ. هن سائنسي تحقيقات ڪندي گهڻو عرصو آمريڪا ۾ گذاريو. هي نوبل انعام يافته سائنسدان 312 صفحن تي لکيل مذڪوره ڪتاب (جيڪو گهڻين ٻولين ۾ ترجمو پڻ ٿيو ۽ سڀ کان وڌيڪ وڪامجندڙ ڪتاب پڻ آهي) ۾ چوي ٿوته انسان نامعلوم آ. سندس منزل ڪهڙي آ، ڪابه خبر نه ٿي پوي.

هي انسان اڻ ڄاتل منزل واري دنيا ۾ جيئي رهيو آهي، اهوئي سندس عدم معرفت جو سبب آهي. انسان ۽ سندس منزل ۾ اهوئي فڪري خال آهي. جيڪا اربها سالن کان انسان کي ويڳاڻو ۽ Confuse ڪيون ويئي آهي.

اهو هڪ اهڙو سوال به آهي، جنهن جو تسلي بخش جواب به هجڻ گهرجي. هر مذهب الڳ الڳ تشريح ٿو ڪري، ۽ سياستدان ان کي استعمال ڪري رهيو آهي. سائنسدان ان تي خاموش آ، معاشرو انسان کان ماڻهپو ٿو گهري.

فلسفي، مفڪر سائنسدان، انسان جي منزل ۽ ماڳ موجوده مادي جهان ۾ ڳولهي رهيا آهن. جڏهن ته هن جهان ۾ اها شيءِ موجود ئي نه آهي. انسان پنهنجي فطرت جي لحاظ کان هڪ ابدي ۽ دائمي حياتي گهري ٿو، پر موت کان اڳ ڪنهن لاءِ به اهو ممڪن نه آهي. انسان پنهنجي مطلب جي آرزوئن، خوشين ۽ آسائشن واري دنيا لاءِ جاکوڙي ٿو جنهن ۾ هن کي سڪون ۽ تسلي ملي. پر اهو صرف سندن خواهش جي حد تائين آهي. هڪ Perfect ڪامل ۽ مڪمل نه آهي هر حاصلات بعد به خواهشون ختم نه ٿيون ٿين.

حقيقت هي آهي ته غيرمعلوم شيءِ انسان نه، پر سندس منزل آهي. دنيا جيڪا انسان جي خوابن جي تعبير هجي، هرقسم جي خوف، جهڳڙن تضادن، رڪاوٽن کان خالي هجي جتي مڪمل هوند ۽ Fulfillment سان سدائين زنده رهي سگهي، سائي سندس منزل آهي.

اهو بظاهر حل نه ٿيڻ جوڳو مسئلو ان وقت واضع طور تي حل ٿي سگهي ٿو جڏهن انسان جو مطالعو خدائي اسڪيم جي روشني ۾ ڪيو وڃي. يعني مخلوق کي سمجهڻ لاءِ خالق جي مرضيءَ کي به سمجهيو وڃي. اهو

سائنسي، مذهبي ۽ فيلسوفي طريقو آهي. جڏهن ايئن سوچبو ته خبر پوندي ته خدائي منصوبي کي آڏو رکي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي وئي آهي.

ماڻهو هڪ مخلوق آهي، جنهن جي ناهڻ وارو ٻيو ڪو آهي. جهڙي ريت هڪ مشين ناهي وئي آهي. ان جو ناهيندڙ ٻيو آهي. اهڙي ريت انجنيئر جي منصوبي کي سمجهڻ بنا، مشين جي وضاحت نہ ٿي ڪري سگهجي. ساڳئي ريت خالق جي تخليقي منصوبي کي سمجهڻ بنا، انسان کي سمجهي نہ ٿو سگهجي. دنيا جي عمر اربها سال آهي، ان ۾ ڪيترين انسان مختلف مذهبن، فڪرن ۽ رسمن سان واڳيل آيا ۽ هليا ويا.

خدا پنهنجي تخليقي نقشي مطابق دنيا کي جوڙڻ ۽ ضدن ۾ ناهيو آهي. هڪ اها دنيا آهي جنهن ۾ اسين پيدا ٿيڻ کان پوءِ رهنداسين، ٻي اها دنيا آهي جنهن موت کان پوءِ انسان رهندو.

موت کان اڳ واري دنيا عمل ۽ آزمائش جي ميدان طور ناهي وئي آهي ۽ موت کان پوءِ، جزا واري دنيا هوندي. خدا هڪ مڪمل ۽ لامحدود دنيا ناهي ڇڏي آهي جنهن کي اسين جنت سڏيون ٿا. موجوده دنيا ۾ انسان خدائي منصوبي ۽ معيار تي پورو لهندو تہ موت کان پوءِ ڪيس جنت حوالي ڪيو ويندو. جيڪي ماڻهو پنهنجي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن کي درست استعمال ڪن ٿا ۽ فڪري مونجهارن مان نڪري حقيقي سچائي کي ڳولهيندي پار پون ٿا. غيرالله کي ڇڏيندي الله جا پرستار بڻجن ٿا، اهي خودمختياري ۽ آزادي باوجود Nature جو Discipline نہ ٽوڙيندي پنهنجي مثبت تعمير ڪن ٿا. سي ئي هر حال ۾ مطمئن بہ هوندا آهن.

انسان بہ رخانتو آهي، هڪ مٽيءَ وارو جسم، ٻيو روح وارو رخ! هڪ هي دنيا آ تہ ٻي نہ نظر ايندڙ ابدي دنيا. هي پکي ٻن پرن سان اڏڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هي نيڪ بہ آ بهادر ۽ بزدل بہ آ. هن ۾ وڏي دنيا آباد آهي. اچو تہ سندس نظارو وڏي دوربين سان ڪيون. اهڙي طاقتور دوربين جيڪا واري جي ذري کي وڏي ڪمري طور ڏيکاري ٿي.

رڳون = دريائن جيان وهن ٿيون تن جو تعداد 390 آهي.
شريانيون = نهرن ۽ واهن جيان وهن ٿيون.
خزانا = دل، دماغ، ڦڦڙ، جگر، تري، معدو، آنڊا.
زراعت = پٺيءَ، سيني مطلب تہ جسم جا وار
دروازا = اک، ڪن، نڪ، وات، شرمگاهون.
هڏا = جبل ۽ پهاڙ.
حڪيم = ڪو اندر خون کي گوشت ۾ تبديل ڪري رهيو آهي.
رنگ ساز = ڄڻ ڪو ڏندن کي اڇو، وارن کي ڪارو، خون کي ڳاڙهو ڪري رهيو آهي.
بورچي = ڄڻ ڪو اندر معدي ۾ ڪاڏي کي طاقت جي جزن ۾ رنڌي رهيو آهي.
عطار = ڄڻ ڪو عطار جيان سٺ ڪدي جسم ۽ بدن جا جزا ناهي رهيو هجي.
خاڪروب (صفائي ڪندڙ) - آنڊا، ڪل، گڙدا، ڦڦڙن مان غلاظت ڪڍي ٿو.
ڪوري - ڄڻ ڪو اندر اعصاب، جهريون اٽي رهيو آهي.
بلو ڪنيار - ڄڻ هڏا سرن جيان پچائي مظبوط ڪيا ٿا وڃن.
درزي = زخم سبيا ٿا وڃن.
هاري = جسم جي کيت تي فصلن جيان وار ڦٽائي رهيو آهي.

انساني جسم ۾ ننڍڙي ڪائنات موجود آهي، دوربين سان جاچبو تہ زمين، پهاڙ، ستارا، سمند، نهرون، نباتات جهڙا عڪس ملندا.

زمين = انساني جسم جي پلي، پيٽ ميدان نظر ايندا. جبل = انساني ننڍا وڏا هڏيون ۽ هڏا.

ستارا = عقل، قوت، سوچ، فڪر
نهرون ۽ درياءَ = شريانون ۽ رڳون.
ميدان = پيٽ ۽ پٺي.
صبح جي روشني = مسڪراهٽ.
ظلمت = غم، ڏک.
زندگي = بيداري، علم، جهدوجهد.
گرمي = جواني.
برفباري = وارن جو اڇو ٿيڻ.

سمنڊ = پيٽ.
نباتات = وار.
هوا = نظام تنفس.
بارش = روئڻ.
موت = ننڊ.
بهار = ٻالڪپڻو.
بجلي = غصو.

ساڳئي ريت هن دنيا ۾ حيوان به نظر ايندا، انهن جهڙيون شيون به انسان ۾ موجود آهن.

شينهن جيان بهادر، گدڙ جيان بزدل، سيهڙ جيان ڊڄڻو، ڪانوَ جيان هوشيار، اُلو جيان، خود فراموش. رڍ جيان سادو، لومڙي جيان تيز. ڪمي جيان سست، شتر مرغ جيان گمراهه. هرڻ جيان تيز اڇال وارو، گڏهه جيان بد آواز، بلبل جيان مٺا ٻول ٻوليندڙ، چيتي جيان چيرڦار وارو، گهوڙي جيان وفادار، اُلو جيان منحوس، ڪاريهر نانگ جيان ويري، مور جيان حسين.

تہ هي انسان عجيب ۽ پراسرار مخلوق آهي. ڪير چو دلير آهي، ۽ چو سست، چو هوشيار تيز ۽ وفادار آهي تہ ڪير چو ڌاڪو، ڌاڙيل، چور ۽ غدار ڪا سائنس ڪنهن پيماني سان ڪوبہ فيصلو Judgment نٿي ڏئي سگهي.

جيئن ڪنهن ڪارخاني ۾ داخل ٿبو تہ موٽر ۽ انجڻ روم هوندي. اتان تارن وسيلي سڄي ڪارخاني کي توانائي ڏني ويندي آ، سڀ پرزا انجڻيون هلنديون ڦرنديون، ڪٿان گئس خارج ٿيندي، ڪنهن هنڌ کان خام مال وڌو ويندو آهي، پراڊڪٽ وري ٻئي هنڌ کان نڪرندو ۽ فضلات خارج ڪرڻ لاءِ آخري Hut ٺهيل هوندو آهي.

ائين ئي انساني جسم بہ هڪ ڪارخاني جيان هلندڙ ڦرندڙ مشين نظر ايندي، رڳون سڄي جسم ۾ وائرنگ جيان آهن، جن کي دل جي جنريٽر مان توانائي ملي ٿي ۽ دل، دماغ جگر سڀ مشين جيان مصروف عمل آهن. سيئي عضوا برابر برابر ڪم ڪندي، پراڊڪٽ بہ ناهن ٿاتہ فضلات بہ خارج ٿئي ٿو.

Discuss ڪرڻ جو حاصل مطلب اهو آهي تہ انسان فاني نہ آهي، هي هڪ هنڌ هُيو"عالم ارواح"۾ جتان ڪيس عارضي مقام گاه (موجوده جسم ۽ باڊي) ۾ وڌو ويو ۽ پوءِ وري واپس پنهنجي ماڳ ڏانهن رجوع ٿو ڪري. ان ڪري دم پرواز ٿيڻ وقت انا لله و انا اليہ راجعون چوندا آهن تہ الله ڏانهن آيو ۽ اوڏانهن ئي رجوع ڪيائين. سندس منزل متعين ٿيل آهي، هن جهان جي ٽڪساد ۾ اچي رونقن ۾ مگن ٿيندي! هن ڪوڙي جڳ کي ئي منزل سمجهي رهيو آهي.

اهڙي ماڻهو کي ماڻهپي ۾ ايندي غور فڪر ڪرڻ گهرجي، پنهنجي اچڻ جي اهميت کي سمجهندي هن جڳ ۾ ماڻهپو قائم ڪري پوءِ دائمي ماڻهپي واري جهان ڏانهن رجوع ٿي وڃي.

# تبديلي

راحب علي ميرائي



مقامي سهڪاري تنظيم بخاري طرفان مهمان ادارا نيشنل رورل سپورٽ پروگرام NRSP، بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام ٻنهي آرگنائيزيشن جي تنظيمي قافلي کي LSO بخاريءَ جي ڪارڪردگيءَ بابت آگاهي ڏني وئي. آيل مهمانن جو پليڪار ڪندي ميرزادي چيو تہ آءٌ مقامي سهڪاري تنظيم بخاري جي چيئرپرسن آهيان. يونين ڪائونسل رسول بخش چاچڙ تلقہ ڪشمور ضلع ڪشمور ايٽ ڪنڊڪوٽ جيئن تہ سرسو جي پروگرام 2009ع ۾ "يونين ڪائونسل سطح تي غربت گھٽائڻ واري پروگرام" تحت اسان جي ڳوٺ ۾ سرسو پاران ٽيم آئي ۽ اچي ڳوٺاڻن سان ملي ۽ ٽيم ۾ شامل هڪ سوشل آرگنائيزر منهنجي گھر بہ آئي. تنهن ڏينهن ۾ مرد ٽيم جي ڳالھ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ڏني ۽ سرسو ٽيم واپس هلي وئي، ڪجھ ڏينهن بعد وري جڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ آئي ۽ اداري سرسو جو مڪمل تعارف ڪرائيندي ايڪي ٻڌي، بچت هنري سکيائن بابت جڏهن مڪمل ڄاڻ ڏنائون تنهن بعد CO پاڙي جي تنظيم تشڪيل ڏني وئي، تنظيم ۾ سٺو ڪم ڪيو ويو جيڪو ڳوٺ وارن کي پسند آيو ۽ اداري جو بہ مڪمل سهڪار رهيو. انڪان پوءِ VO ناهي وئي تنظيم جڙڻ ڪانپوءِ وقت بہ وقت اسان جون گڏجاڻيون ٿينديون رهيون ۽ اسان ڪوشش ڪئي سين تہ ڳوٺاڻين غريب عورتن کي سرسو مان ڪجھ فائدو ڏياريون ۽ پوءِ اسان اداري سان رابطو ڪيوسين ۽ سرسو جي گرانٽ واري پروگرام "IGG" مان غريب ميمبر غربت جي درجہ بندي مطابق فائدو ورتو ۽ ان ڪانپوءِ بغير وياج واري قرض "CIF" مان بہ ڪافي گھراڻن کي فائدو وٺي ڏنو سين ۽ گھٽ قيمت وارن گھرن مان "LCHS" مان بہ ڳوٺ جي غريب ماڻهن کي بهتر فائدو مليو، ان کان علاوہ مٽي پاڻي جي اسڪيم بہ ڳوٺ لاءِ ورتي سين. ان کان علاوہ ڳوٺ ۾ ڪجھ عورتن کي هنري سکيا، جنهن ۾ ڀرٽ، سلائي ڪڙهائي وغيرہ جون تربيتون پڻ ڏياريون سين تہ جيئن هو پنهنجو روزگار ڪري سگھن، ان کان علاوہ دائيپي جون تربيتون بہ وريون سين تہ جيئن وقت سر مائرن جي حياتي بچائي سگھجي ۽ گڏوگڏ غربت کي بہ گھٽائي سگھجي. اسين تنظيم جي پليٽ فارم تان CO ۽ VO کي هلائڻ جي تربيت، رڪارڊ ناهڻ جي تربيت VO مان رڪوري ڪيئن ڪرائجي ۽ ڪٿي جمع ڪرائجي. اهي سڀ شيون اسان کي ٽريننگ ۾ سيکاريون ويون، پڙهايون ويون ۽ اسان انهن ڪمن مان ڪافي فائدا ورتا آهن. اسان سان سرسو اداري جو مڪمل سهڪار رهيو آهي. اسين سرسو اداري جا ٿورائتا آهيون جنهن ايترا سارا پروگرام شروع ڪيا ۽ اسان غريبن تائين سڌي رسائي ڪري، غريبن کي



پنهنجا حق ڏنا. انهن جي ڪمن ڪي ڏسي اسان ڪي هڪ جذبو جاڳيو ته ڇونه اسان به اهڙي وڏي تنظيم جوڙيون جنهن جا مالڪ اسان پاڻ هجون. پوءِ دل ۾ خيال آيو ته هڪ مقامي سهڪاري تنظيم جيڪا يونين ڪائونسل سطح تائين هجي. ان جي تشڪيل ڪئي وڃي پوءِ اسان ۽ اسان جا پاڙي وارا ڳوٺ گڏ ٿيڻ لڳاسين ۽ اسان انهن ڳوٺن ڏانهن اچڻ وڃڻ لڳاسون. ۽ LSO ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي سين، نتيجي ۾ سرسو جي سهڪار سان اسان مقامي سهڪاري تنظيم جي تشڪيل ۾ ڪامياب وياسون جنهن جو نالو"بخاري"رکيوسين.



LSO جي باڊي ٺاهي وئي جنهن ۾ 61 ميمبر آهن ۽ بورڊ جا 7 ميمبر چونڊيا ويا ۽ مقامي سهڪاري تنظيم بخاريءَ جو يونين ڪائونسل سطح تي جو تفصيل ڪجهه هن ريت آهي. تنظيم CO جو تعداد 190 آهي، تنظيم VO جو تعداد 61 آهي تنظيم VO جي غريب عورتن کي فائدا ولرائي ڏنا ويا گرانٽ "IGG" مان انهن جو تعداد 40 آهي. گرانٽ "IGG" مليل CO جو تعدا آهي 110، انهن سڀني تنظيمن جي غريب عورتن کي جيڪا رقم ملي آهي. سان آهي -/1430,0000 روپيه بغير وياج واري قرض CIF مليل VO جي تنظيمن جو تعدا آهي 51 ۽ بغير CO جو تعداد 153 آهي. LSO بخاري جي اها ڀرپور ڪوشش رهي آهي ته غريب عورتن جي ڀرپور سهڪار ڪجي خاص ڪري جيڪي بلڪل غريب آهن، جن جي گهر ۾ ڪوبه ڪمائڻ وارو نه آهي. گڏوگڏ جيڪو CIF جو قرض غريب عورتن کي ڏياريو آهي تن جو تعدا. 1197 آهي انهن کي مليل رقم -/15,561,000 روپيه آهي.

LSO بخاري جي آفيس لاءِ گڏ ڪيل فنڊ جي رقم -/198000 آهي ۽ آفيس لاءِ جڳهه ڳوٺ وارن مفت ۾ ڏني آهي تاحيات واپس نه وٺڻ جو يقين ڏياريو آهي. LSO بخاري جي سرگرمين ۾ ماروي اسٽوپس سوسائٽي سان ملي ڪري سيمينار منعقد ڪرايا ويا، ٻارڙن جي تعليم لاءِ به بهتر جاکوڙ ڪئي وئي آهي ۽ سيمينار پڻ ڪرايا ويا آهن. برسات جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور جي مدد سان ٽينٽ ۽ مفت ميڊيڪل ڪئمپس پڻ لڳايون ويون هيون ۽ منسٽر جي ڪوٽا مان 10 لک روپيه جي فنڊ منظور ڪرايو ويو جنهن سان سڀي ڳوٺ ۾ سرن جي روڊ جي بحالي جو ڪم ڪيو ويو.

LSO جي ڪوشش سان 61 ڳوٺ جي عورتن کي بينظير ڪارڊ جاري ڪرائي ڏناسون. پوليو جي مهم دوران يونين ڪائونسل رسول بخش ۽ يونين ڪائونسل گلبلو ڪچو ۾ ٽيم جي مڪمل سپورٽ ڪئي سون ۽ انهن سان رضاڪارنه طور ڪم ڪيوسون ۽ "آهن" گروپ جي مدد سان 2 لک روپيه جو آرڊر ورتوسون ۽ سرتيون سنگ مارڪيٽ سکر لاءِ 90 هزار جو آرڊر ورتوسون ۽ هاڻي اسان جي زندگي تبديل ٿي چڪي آهي ۽ تبديلي آئي آهي ۽ اهو آهي اسان تنظيم جو چار سالن جو سفر.

وزٽ تي آيل تنظيمي گروپس کي جڏهن LSO بخاري پنهنجي ڪيل ڪارڪردگيءَ جي مڪمل ڄاڻ ڏني. تنهن تي آيل مهمانن چيو ته توهان جا ڪيل ڪم جيڪي اسين ڏٺا، جنهن بابت آگاهي به ڏني وئي، اسان کي تمام گهڻي خوشي ٿي توهان جي جستجو ڏسي يقينن توهان جي تنظيم تعريف لائق آهي جنهن پنهنجي يونين ڪائونسل لاءِ ايترا سارا ڪم ڪيا آهن ۽ ڪريو پيا. امير زادي جي جاکوڙ، حوصلي ۽ سندس جي سٺي سوچ ۽ بهتر منصوباسازي بابت ڪيس تمام گهڻو ساراهيو.

*

# زرعي پهاڪا

نثار پناڻ



زراعت انسانذات لاءِ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي. هن سان زندگين جو جياپو آهي. هي نه صرف پيٽ جي باهه اجهائڻ ۽ اگهاڙي انگ ڍڪڻ جو باعث آهي پر هن سان ناڻو ڪمائي ملڪ کي خودڪفيل بنائي ترقي ۾ حيرت انگيز حد تائين اضافو ڪري سگهجي ٿو.

زراعت سائنس آهي. اڄ کان ڪروڙها اربها سال اڳ انسان جي شعور ايتري ترقي ڪونه ڪئي هئي. هو حقيقتن سمجهڻ کان اڻ ڄاڻ هيو. ڪيس سج، چنڊ، ڪنوڻ جو گجگوڙ، طوفانن، مينهن کان خوف ٿيندو هيو. هو سمنڊ درياءِ کان ڊڄندو هيو، پوءِ انهن جي پوڄا ۾ لڳي ويندو هيو. وقت گذرڻ سان سندس سوچ ۽ شعور به ترقي ڪئي. دنيا ۾ جتي زراعت کي بي حد ترقي آهي تنهن جو دارومدار علم ۽ شديد ٽيڪنالاجي تي آهي. اسين 70% مال مويشي ۽ زراعت جي پيشي سان واڳيل آهيون. نباتات، جمادات، حيوانات، سماجيات اقتصاديات، ماحوليات، موسميات جهڙن علمن کان وانجهيل آهيون. اسين اناج، ميوا، سبزيون، گوشت، کير، لسي، بيضا، مڇي، پکي پکڻ، جڙي ٻوٽيون وغيره غذا طور استعمال ڪيون ٿا. پر ان کي صنعت جو درجو نه ٿا ڏيون جنهن جي ڪارڻ ڀرپور لاڀ حاصل ڪونه ٿو ٿي سگهي.

زراعت سان صنعتن جو چارٽ

| فصلن جي زراعت | باغباني | ٻيلا | جانور پالڻ | مڇي پالڻ |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| فصلن جي صنعت ڪاڏو، ڪپڙو، گهه، کنڊ، داليون، دوائون، مصالحه، گاهه، چارو، ٻهه، سائو ياڻ، نامياتي ياڻ | ميوا، ڀاڄيون، گل ڦل، وڻ، نرسري، جام جيلي، چٽڻي آچار، جوس، شربت، هٽراڙو ياڻ | عمارتن جو ڪاٺ، ٻارڻ جو ڪاٺ، ماکي، لاک، ڪنئور، پکي جانور (جهنگلي) پنن جو ياڻ | کير، مکڻ، ڏڌ، لسي، ڏهي، گوشت، بيضا، کل، چمڙو، اُن، ڏاس يا وار، ديسي ياڻ، بايوگيس | غذا طور مڇي جو ٿيل ڪڪڙن جو فيڊ نرسري مڇي جو ياڻ |

قديمي دؤر ۾ سنڌ جي زراعت ڏيهان ڏيهه مشهور هئي، هتان جيڪي به سياح گذريا تن سنڌ جي فصلن جي تعريف پنهنجي ڪتابن ۾ لکي آهي. جيئن فرعون کي سنڌ جي ململ جو ڪفن ڏنل آهي. چانورن، سٽي، ميوا، اناج، ڪٽڪ، جوئر، ٻاجهر، گوار، تر، السي، سرنهن ٻاجهر جو واپار ڏيهان ڏيهه مشهور هيو.

زراعت سنڌ جي ماڻهن جو اوائلي ۽ موروثي پيشو رهيو آهي. ان ڪري سندن ثقافتي ورثي جو ذڪر ڪندي زراعت جو ذڪر نه ڪرڻ زيادتي ٿيندي. ان ثقافتي اثرن ڪري سندن ڪچهرين، شادين، غمين، ڏور ٻيتن، ميلن ملاکڙن وٿج واپار ۾ زرعي زبان ڪتب ڪندي پهاڪن ۽ ڳجهارتن به جنم ورتو. ڪجهه پهاڪا جيڪي گهڻو مشهور ٿيا ۽ زندگي جي ڪاروهنوار يا روزاني اٿي ويهڻي گهر گهاٽ ڪچهرين ۾ سمجهاڻي طور ڪتب پئي آيا ۽ انهن ۾ ڪونه ڪو زرعي لفظ استعمال ٿيل آهي تنهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

- اتم ڪيتي، وڏنڊڙ وپار - نيچ نوڪري پنڻ بيڪار.

# امينہ: هڪ فعال ڪارڪن

صائمہ راڄپر
سوشل آرگنائيزيشن راڻيپور



امينہ زال مجنون ڳوٺ چَني مڱڻيجا يونين ڪائونسل ڳَڏيجي جي رهواسڻ آهي. هي ڳوٺ سرسو يونٽ آفيس کان 20 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف واقع آهي. 30 سالہ امينہ هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي. چار ننڍڙن ٻارن سان گڏ پنهنجي ڪچي گهر ۾ رهي ٿي. پنهنجي گهر جو گذرسفر مڙس جي مزدوري ۽ سلائي ڪڙهائي مان هلائي ٿي. ڳوٺ چني مڱڻيجا جي ماڻهن جو گذر سفر مزدوري ۽ هارپي تي آهي.

امينہ سان جڏهن پهريون ڀيرو سرسو جي ٽيم گڏجاڻي ڪئي تہ فوراً هن پنهنجي ڪجهہ سائي عورتن کي گڏ ڪيو ۽ انهن کي سرسو ٽيم سان گڏجاڻي ڪرائي. سرسو جي ٽيم گڏجاڻي ۾ ڪين سرسو جو تعارف ڪرايو، بچت ڪرڻ، پنهنجي مدد پاڻ تحت مسئلا حل ڪرائڻ، صحت جي سهوليتن ۽ هنري سکيا بابت ڪين مڪمل ڄاڻ ڏني. تنهن بعد ڳوٺ ۾ تنظيم "سينگار" جوڙي وئي جنهن ۾ پهريان 15 عورتون ميمبر ٿيون. تنهن بعد هن تنظيم پنهنجي باقاعده گڏجاڻين ۾ بچت شروع ڪئي ۽ مسلسل سرسو ٽيم سان رابطي ۾ رهيون ڪجهہ عرصي بعد امينہ ڪوشش ڪري پاڙي سري ڳوٺن جي تنظيمن سان رابطا ڪري هڪ LSO گڏيجي ٺاهي. ۽ سرسو مان وڌ ۾ وڌ فائدو وٺڻ جي ڪوششن ۾ رهي. امينہ جي جدوجهد ۽ سچائي کي ڏسي ڪري ٻر وارن ڳوٺن جي عورتن بہ امينہ سان رابطہ شروع ڪيا.

امينہ سرسو جي سهڪار سان پنهنجي ۽ آس پاس جي ڳوٺن جن ۾ غلام محمد مڱيجو، گلاب مڱڻيجو، عيدل، جان محمد، جمن ۽ چني مڱيڻجو شامل آهن، تمام بهترين ڪم ڪرايا آهن، هن ڳوٺن ۾ رستن ۽ نالين جي تمام گهڻي ضرورت هُئي، هي ڳوٺ سالن کان ترقياتي ڪمن کان وانجهيل پئي رهيا. امينہ جيڪا LSO جي جنرل سيڪٽري آهي. تنهن سڀني ڳوٺ وارن کي پاڻ سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ ڪين چيو تہ جيڪي ماڻهو ترقيءَ جي اهميت کي سمجهي ۽ ان کي وقت اندر سچائي ۽ پُرکي ان تي جوڳو ڌيان ڏين ٿا اهي ڪيترائي ڏاکا تڪڙيون وکون کڻي پار پون ٿا.



امينہ پنهنجي ساٿين سان گڏجي ترقيءَ جي انهيءَ عمل کي جاري رکيو. امينہ جو چوڻ آهي تہ ترقيءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪوڙ ساريون مشڪلاتون پڻ پيش آيون، جن عناصرن کي ترقياتي ڪمن کان چڙ هئي، جيڪي نہ پيا چاهين تہ ڳوٺ ۾ ترقياتي ڪم ٿين. انهن عناصرن اسان مٿان حملا پڻ ڪرايا ۽ مختلف طريقن سان پڻ ڊيڄاريو. پر اسان ثابت قدم رهندي همت ۽ حوصلي جو دامن نہ ڇڏيو ۽

نتيجي ۾ هر ڳوٺ ۾ سرن جا فرش ۽ نالين جا ڪم مڪمل ڪرايا. جنهن مان اڄ سمورا ڳوٺاڻا فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

اسين ٿوري ڪوشش سان ڳوٺ جي 15 عورتن کي سرسو جي ووڪيشنل سينٽر راڻيپور مان تربيتون پڻ ڏياريون آهن جيڪي هن وقت پنهنجو روزگار پڻ ڪري رهيون آهن.



اميد LSO جي پليٽ فارم تان ڳوٺ جي عورتن کي هيلٿ انشورنس جي پاليسي سان منسلڪ ڪيو آهي، ڳوٺاڻين جو چوڻ آهي ته هتان جو پاڻي تمام کارو آهي جنهن ڪري مختلف بيماريون ڦهلجي رهيون آهن ۽ اسان جو گهڻو پيسو انهن بيمارين تي خرچ ٿيو ٿئي، هاڻ اسان کي هيلٿ انشورنس جو فائدو مليو آهي جنهن مان اسين مطمئين آهيون. اميد چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته سرسو جي سهڪار سان مٺي پاڻيء جو ڪو مثبت بندوبست ڪيون ته جيئن مستقبل ۾ ڳوٺاڻن کي مٺو پاڻي ملي سگهي ۽ بيمارين کان بچي سگهون.

اميد چوي ٿي ته: آءُ پاڻ هڪ غريب عورت آهيان، گهر ۾ پورهيو ڪندي آهيان، سرسو کان جيڪا سلائي ۽ آر جي ڪم جي تربيت ورتي آهي، انهيء کي سهارو بڻائي اوڙي پاڙي جي عورتن جا لٽا ڪپڙا سبي ۽ آر جو ڀرٽ ڀريندي آهيان جنهن مان ٿوري گهڻي آمدني ٿيندي آهي، منهنجا ٻه ٻار اسڪول پڙهن پيا، گهر سان گڏوگڏ تنظيم کي مڪمل وقت ڏيندي آهيان، الله جو شڪر آهي هاڻ اسان جو وقت سٺو پيو گذري.



تنظيم ٺهڻ کانپوء اسين همت ناهي هاري، سرسو اداري مان اڃان به وڌيڪ فائدو وٺڻ چاهيون ٿيون، اسان جو منشور آهي ته ڳوٺ ۾ جيڪي به غريب عورتون ۽ ڇوڪريون آهن، انهن سڀني کي مختلف هنرن جون تربيتون ڏياريون ته جيئن اسان جي ڳوٺ مان غربت ختم ٿئي.

اسان جي ڪوشش آهي ته ڳوٺ جي عورتن کي ننڍڙا قرض ڏياريون ته جيئن هنر سکڻ کانپوء هوبه ڪو ڪاروبار ڪري سگهن، مال مويشي وٺي ڪري پنهنجي آئيندي کي خوشحال بڻائين، اسين شڪرگذار آهيون سرسو راڻيپور ٽيم جا جنهن اسان جو هرقدم تي ساٿ ڏنو آهي.

# سرسو / بروڪ جانورن لاءِ فلاحي ڪم

نثار احمد پٺاڻ

بروڪ اسپتال براءِ حيوانات (گهوڙا-گڏهه ۽ خچر) هڪ خيراتي ادارو آهي، جنهن جو هيڊڪوارٽر لنڊن ۾ آهي. هي ادارو سڌي طرح ۽ پارٽنرس سان گڏجي مٿي ذڪر ڪيل جانورن تي رحم ڪندي ان جي صحت، تندرستي ۽ فلاح لاءِ مختلف ڪم ڪري ٿو.

پاڪستان ۾ هن اداري پهريون دفعو 1991ع ۾ پشاور کان جانورن جي ڀلائي واري ڪمن جي شروعات ڪئي سندن مشن ۾ پنج شيون شامل آهن.

- مذڪوره جانورن جي بک ۽ اڄ ختم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ.
- چاڻايل جانورن کي اهنج، سخت تشدد کان آزادي ڏيارڻ لاءِ سجاڳي پيدا ڪرائڻ.
- اهڙن جانورن جي زخمن، بيمارين ۽ سور وغيره جو علاج ڪرڻ.
- جانورن جي مالڪن کي ذهني بيداري ڏيندي کين احساس ڏيارائڻ ته گهوڙن گڏهن ۽ خچرن سان ظلم ڏنڊي بازي ختم ڪندي سٺو ورتاءُ ڪن.
- جانورن کي خوف ۽ ظلم کان نجات ڏيارائڻ لاءِ اوسطيدارن جي معلومات ۾ اضافو ۽ احساس پيدا ڪرائڻ.



2008ع ۾ هي پراجيڪٽ سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد ۾ شروع ڪيو ويو جتي مذڪوره جانورن جو تعداد 82000 هزار آهي. اتي جانورن جي مالڪن کي سمجهاڻيون ڏنيون ويون ته توهان جي آمدني جو ذريعو هي جانور ئي آهن. انهن جي بهتر سارسنڀال، صحت ۽ صفائي جو خيال رکندي (جيڪو توهان تي حق پڻ آهي) توهان پنهنجي جانور کي صحتمند ۽ چُست رکي سگهو ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ هن ۾ وڌيڪ وقت ڪم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي ۽ اوهان جي آمدني ۾ اضافو پڻ ٿيندو.

ان بعد 11-2010 ۾ سرسو جي ٻن ضلعن ۾ هن ڪم کي سرانجام ڏنو ويو يعني جيڪب آباد سان گڏ سکر ۽ هينئر هي پراجيڪٽ 2012ع کان سرسو جي ڇئن ضلعن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن پراجيڪٽ ۾ شامل پروگرامن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.



1. **پاڻي پيئڻ لاءِ وارٽر ٽرف Tater Trough ناهڻ:** مناسب هنڌ ۽ جڳهه کي چونڊيندي جتان ٽرانسپورٽ جو گذر هجي، اتي پيئڻ جي پاڻيءَ جا ٽب ٺهرايا ويندا آهن ڇوته سخت گرمين ۾ گهوڙن ۽ گڏهن کي سندن وزن جي حساب سان 7-5 ڀيرا پاڻي جي گهرج ٿئي ٿي.



2. **گهوڙن ۽ گڏهن جي ويهڻ لاءِ ڇانوَ وارا ڇپرا:** عام طرح شهرن ۾ ڏٺو ويو آهي ته 50-60 سال اڳ ٽانگا اسٽينڊ ڇپرن ۽ ڇانوَ وارا ٺهيل هوندا هيا. پر وڌندڙ آبادي جي دٻاءَ ۽ مشين واري سواري جي اچڻ ڪري اهڙا ٽانگا اسٽينڊ هينئر ڪنهن به شهر ۾ ڪونه ٿا ملن. ان لاءِ هن پروگرام وسيلي گڊز ٽرانسپورٽ، سبزي منڊين ۽ داين جي واڙ ۽ لنگهه وارن جاين تي ٽيهه هزارن جي لاڳت سان شيڊ (ڇپرا) ٺهرايا وڃن ٿا ته جيئن گگدام ڇانوَ ۾ ويهي سگهن.

3. **Wayside Station ويٽرنري ڊاڪٽر جي علاج ڪرڻ جو هنڌ:** هي به شيڊ شيلٽر نما اسٽڪچر Structure آهي، جيڪو پڻ گڏهه گهوڙن جي اسٽينڊ، گڊز ٽرانسپورٽ ۽ مارڪيٽن ۾ ٺهرايو ويندو. ان لاءِ 3 ضلعن جو انتخاب ڪيو ويو آهي. (لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، شڪارپور) هن جي لاڳت 50 هزار رکي وئي آهي، جنهن جو مقصد اهو آهي ته ويٽرنري ڊاڪٽر هفتي ۾ 3 دفعا 4-5 ڪلاڪ هن اسٽيشن تي پنهنجي موبائل ڪلينڪ، اسٽاف ۽ دوائن سميت ويهندو ۽ مفت ۾ بيمار جانورن جو علاج ڪندي جانورن جي مالڪن کي مفيد مشورا پڻ فراهم ڪندو.

4. **علاج معالج :** پراجيڪٽ جي چئني ضلعن ۾ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر، ويٽرنري اسسٽنٽ رکيا ويا آهن، جن کي هڪ موبائل وين ۾ دوائن ۽ ضروري Equipment اوزارن سان پريل گاڏي ڏني وئي آهي. هي سرفروش نوجوان ڊاڪٽر جيڪي ماهرانه ۽ پيشورانه صلاحيتن ۽ خدمتي جذبن سان ٽمٽار ۽ سرشار آهن. سي مفت ۾ اهڙن جانورن جي زخمن، پيٽ جي سور ۽ ٻين مختلف بيمارين جو علاج ڪندي، جانورن جي مالڪن کي مفت ۾ صلاح مشورن سان پڻ مالا مال ڪن ٿا.



5. **جارگرتا گڏجاڻيون:** جانورن جي مالڪن کي مذڪوره جانورن جي بهتر صحت رکڻ لاءِ جاگرتا گڏجاڻيون پڻ ڪيون وينديون آهن. اهڙن گڏجاڻين ۾ کين سمجهايو ويندو آهي ته:

- گڏهه، گهوڙن ۽ خچرن جا نڪ نه چيريا وڃن اهو ظلم آهي.
- انهن کي نعل سٺا ۽ تربيت يافته نالبند کان هڻايا وڃن ته جيئن جانورن ۾ زخم پيدا نه ٿين. ڪوڪا ولائتي ۽ سٺا لڳرايا وڃن.
- جانورن کي سبز چاري سان گڏ، چوڪر، بهه، ڪٽي، سٽي، ڪڙ ۽ داڻو جهجهي انداز ۾ ڏنو وڃي.
- اهڙن جانورن تي ڇتي لڳل سنج نه رکيا وڃن ڇو ته اهي رڳڙجڻ بعد جانورن ۾ زخم پيدا ڪن ٿا.
- رحم ڪندي لنين جو وسڪارو جانورن تي نه ڪيو وڃي.
- جانورن کي ڏينهن ۾ 2 دفعا صبح ۽ شام برش سان مالش ڪريو ۽ ڪر کي ڪنڌي سان صاف ڪريو ته جانورن جو ٽڪ ۽ صحت ٺهي.
- 5-7 ڀيرا پاڻي پيارڻ گهرجي.

انتظاميہ عام ماڻهو جانورن جا مالڪ ۽ ميڊيا شامل هوندي آهي.

## هن پراجيڪٽ هيٺ ڪيل ڪم جو وچور

| نمبر | ڪيل ڪم جو نالو | سکر | شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | علاج | 11051 | 9356 | 10615 | 11355 |
| 2 | وٽرنري سروس ڏيندڙن جون ٽريننگون | 68 | 37 | 61 | 66 |
| 3 | فالواپ ٽريننگون | 85 | 79 | 55 | 81 |
| 4 | مرد ۽ عورتن ڪارڪن کي ڏنل ڪٽون | 40 | 40 | 33 | 40 |
| 5 | موچين ۽ نالبند جون ٽريننگون | 14 | 15 | 12 | 15 |
| 6 | ٻيهر فالواپ ٽريننگون | 3 | 3 | 3 | 4 |
| 7 | نگهباني Monitoring | 24 | 22 | 16 | 26 |
| 8 | ڳانڍاپو ڪرايو ويو Linkages | 10 | 9 | 8 | 11 |
| 9 | بالٽيون، موڙ ۽ ڪٽس جو وچور | 1560 | 1636 | 1233 | 1745 |
| 10 | چيرا ڇاڻڻ لاءِ | 11 | 11 | 11 | 11 |
| 11 | پاڻي لاءِ ٺهرايل ٽب | 28 | 28 | 28 | 28 |
| 12 | جاڳرتا گڏجاڻيون | 231 | 219 | 196 | 233 |
| 13 | صحتمند جانورن جا مقابلا | 6 | 5 | 4 | 6 |
| 14 | توسيعي مواد | 526 | 421 | 458 | 526 |
| 15 | تربيت | 21 | 18 | 15 | 20 |
| 16 | روين جي جاچ | 4 | 4 | 4 | 4 |
| 17 | ڪيس اسٽڊيز | 12 | 6 | 8 | 12 |
| 18 | عوامي جاڳرتا مهم | 10 | 10 | 10 | 10 |
| 19 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 2 | 2 | 2 | 2 |
| 20 | اسڪولي شاگردن کي جاڳرتا | 13 | 13 | 13 | 13 |
| 21 | ڪلينڪ جي آڊٽ | 2 | 2 | 2 | 2 |
| 22 | CV & TM پيرڊ ورڪشاپ | 2 | 2 | 2 | 2 |
| 23 | ماهانہ ٽہ ماهي سالانہ رويو گڏجاڻيون | 18 | 18 | 18 | 18 |

هن پروگرام تحت اسڪولي ٻارن کي بہ گڏگڏ جانورن جي باري ۾ معلومات ڏني ويندي آهي، ڇوتہ ٻهراڙي جي هر گهر ۾ اهڙا جانور ضرور هوندا آهن. ۽ ٻار جيڪي صبحاڻي جا وڏا، آئنده جا ابا آهن انهن جي ننڍڙن پتڪڙن ذهنن ۾ ننڍپڻ ۾جيڪي ڳالهيون سمائجن ٿيون سي ٽن ڪان عمر۾ ڪونہ وسرن. ترقي يافتہ ملڪ پڻ قانون جي احترام، پنهنجي ملڪ سان انسيت ۽ ماڻهپي سان پيار جا سرس ٻارن کي نرسري اسڪولن کان ئي ڏيندا پيا اچن جنهن جا نتيجا بهتر ۽ مثبت مليا آهن.



هن پراجيڪٽ تحت سرسو کي سرڪاري آفيسرن، غريب ڳوٺاڻن ۽ جانورن جي مالڪن طرفان سٺي موٽ ملي آهي ۽ هن اداري جي لاءِ نرم گوشو پيدا ٿيندي، هر ماڻهو واکاڻ ڪري رهيو آهي ۽ دعائن سان ٽيم کي فيضياب ڪري رهيا آهن.

**

# ترقي Development

يار محمد بوزدار



ترقي هڪ اهڙو اصطلاح آهي، جنهن کي حڪمران، ملڪي پاليسي ٺاهيندڙ، فلاحي ۽ عوامي ادارا ڪثرت سان استعمال ڪندا آهن. هر حڪومت جي قيام بعد ميڊيا تي حڪومت جي ترقياتي پاليسين جو چرچو ٿيندو آهي. مطلب تہ ترقي جو اصطلاح عام طور تي اهڙن قدمن ۽ ڪمن کي بيان ڪندي استعمال ڪيو وڃي ٿو جيڪي ماضي جي بنسبت ڪجھ قدم اڳتي پيش قدمي تي مشتمل هجن. يعني پهريان کان بهتري طرف اڳتي وڌڻ. اڪثر ڪري ڊولپمينٽ ۽ ڪاميابي Progress کي هڪ ئي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي، جيڪو مناسب نہ آهي. ترقي وڌيڪ جامع اصطلاح آهي جڏهن تہ Progress کي ترقي جو پيمانو چئي سگهجي ٿو.

ترقي اهڙي ڪيفيت آهي جيڪا مقداري ۽ صفاتي لحاظ کان نئين تبديلي جو مظهر هوندي آهي. جڏهن تہ ترقيءَ جي عمل ۾ صرف مقداري اضافن کي زيربحث آندو ويندو آهي.

معاشرتي تبديلي جو هڪ اهڙو عمل جنهن جي ذريعي مروج سماجي رشتن، تعلقات، معيشيت، اقتصاديات ۽ طرز پيداوار ۾ ارتقاء / تبديلي ٿئي. جنهن جي نتيجي ۾ عوام جي خوشحالي، عزت، وقار، تحفظ، انصاف ۽ برابري کي يقيني بڻائي سگهجي.

ٻين لفظن ۾ ترقي هڪ سماجي تبديلي جو عمل آهي. جيڪو حال ۽ موجوده وقت/رائج الوقت، نظام، تصورات ۾ اهڙي طرح جي تبديلي پيدا ڪري جنهن سان عوام جي مجموعي حالت ۾ تبديلي اچي سگهي. يعني ترقي جو مطلب عوامي فلاح، بهبود ۽ بهتري پيدا ڪرڻ آهي.

ٻين اصطلاحن وانگر ترقي کي بہ مخصوص پس منظر ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. مثال طور:
اسان هن زمين تي آباد ملڪن کي ٽن حصن ۾ ورهايون ٿا.

- ترقي يافتہ ملڪ
- ترقي پذير ملڪ
- غيرترقي يافتہ يا پسمانده ملڪ

اهڙي ورهاست مطابق ترقي مان مراد هڪ خاص ڪيفيت آهي. جنهن جو تعلق عوام جي طرز زندگي، خوشحالي جي درجہ بندي ۽ ملڪي دولت جي فراواني سان جڙيل هوندو آهي. ترقي يافتہ ملڪن کي بيان ڪندي اسان کي ڪجھ ڪمن کي ڏسڻو پوندو آهي. جيئن:

- انهن ملڪن ۾ عوام جو معيار زندگي يعني روزگار، آمدني، رهائش، صحت، تعليم ۽ سماجي نشونما وغيره.
- وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ترقي جي مفهوم ۾ بہ تبديلي ايندي رهي آهي. هاڻي ترقي صرف معاشي ترقي تائين محدود نہ آهي پر مجموعي طور تي ڪنهن بہ معاشري ۾ انسانن کي مليل آزادي ۽ انصاف سان بہ جڙيل آهي.

- شروع ۾ ترقي جي شرح متعين ڪرڻ لاءِ هڪ ماڻهو جي آمدني جو سيڪڙو شمار ڪيو ويندو هو، جن ملڪن ۾ هڪ ماڻهو جي آمدني وڌيڪ هئي، انهن کي ترقي يافته چيو ويندو هو.



- بعد ۾ ترقي جي سطح متعين ڪرڻ لاءِ انساني ترقي جو تصور متعارف ٿيو ۽ هيومن ڊولپمينٽ انڊيڪس کي ترقي جي پيماني جي حيثيت ملي. يعني ڪنهن ملڪ ۾ انساني ترقي مثلا سراسري عمر، سراسري پڙهيلن جو تعداد، وسيلن تائين رسائي، فيصلا سازي ۾ شراڪت وغيره جي حوالي سان درجه بندي شروع ٿي.
- تنهن کانپوءِ اهو ڏٺو ويو ته انساني ترقي جي شڪل ۾ عورتن جي حيثيت ڇا آهي؟ يعني عورتن کي مخصوص طور تي فوڪس ڪري ترقي جو درجو متعين ڪيو ويو.
- ان جي اصطلاح استعمال ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ اضافو ٿيو ته ترقي جي درجه بندي جو تعين ان ڳالهه سان ٿيو ته عورتون ڪيتري حد تائين بااختيار آهن. انهن جي سماجي حيثيت ڪهڙي آهي. ان ڪري "جينڊر امپاورمينٽ" جو پيمانو استعمال ڪيو ويو.
- گذريل صديءَ جو اختتام انساني ترقي ۾ وڌيڪ وسعت فراهم ڪرڻ سان ٿيو. جڏهن انساني ترقي لاءِ بنيادي انساني حقن جي تحفظ ۽ فراهمي کي لازمي پيمانو قرار ڏنو ويو. هاڻي ترقي جي معنيٰ ۾ انساني آزادي کي شامل ڪيو ويو آهي، ۽ آزادي جون هيٺ ڏنل شڪليون انساني ترقي جو درجو متعين ڪرڻ لاءِ لازمي آهن.
  - انساني وقار ۽ صلاحيتن کي تسليم ڪرڻ جي آزادي.
  - تعصب ۽ امتيازي فرق روا رکڻ کان آزادي، مساوات لاءِ.
  - بک کان نجات مناسب معيار زندگي لاءِ.
  - خوف کان آزادي تحفظ کي يقيني بنائڻ لاءِ.
  - ناانصافي کان نجات انصاف لاءِ.
  - آزادي براءِ ايسوسيئيشن اظهار راءِ ۽ شراڪت.
  - استحصال کان پاڪ آزاد ڪم ڪرڻ جي آزادي.

### ترقيءَ جو تصور ۽ نظرياتي ارتقاء

ترقي جي تصور تي بحث مباحثو ٻئي مهاڀاري لڙائي جي خاتمي کان پوءِ عالمي سطح تي وڌيڪ زور شور سان شروع ٿيو. اقوام متحده 60 جي ڏهاڪي ۾ ان کي پنهنجي ايجنڊا جو حصو ناهيو ۽ 60 واري ڏهاڪي کي ترقي جو پهريون ڏهاڪو قرار ڏنو ويو. جڏهن ته 70 واري ڏهاڪي کي ترقي جو ٻيو دور قرار ڏنو ويو. برطانوي محقق جوزف اي سڪمپيٽر ترقي کي باقائده نظريي جي شڪل ڏيڻ ۾ تعريف جوڳو ڪم ڪيو. ان مطابق سرمايادارانه نظام جي هڪ خاصيت آهي، جنهن کي "سرڪلر فلو" چيو ويندو آهي. هي هڪ اهڙو دائرو آهي جيڪو مسلسل گردش ۾ آهي ۽ ان ۾ مقداري تبديليون ٿينديون رهن ٿيون. پر هڪ ئي دائري ۾ گردش جاري رهي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو عنصر ان دائري کي ٽوڙيندو آهي ۽ نسبتا هڪ وڏي دائري ۾ گهمڻ شروع ڪري ڏيندو آهي ۽

هي عنصر نوان محرڪات پيدا ڪري ٿو. ان ڪي "جدت" جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ هي جدتون ٽيڪنيڪي ۽ معاشي ٿينديون آهن، پر ان جا سياسي ۽ سماجي اثر پيدا ٿين ٿا. ۽ هي پوري نظام کي متاثر ڪري ٿي.

### انڊونيشيا

1955ع ۾ بون ڊونگ ۾ نون آزاد ۽ غيروابسته ملڪن جو وڏو انگ گڏ ٿيو ۽ پاڻ کي غير ترقي يافته ملڪ قرار ڏنو. ان مان انهن جو مطلب اهو هو ته انهن جي معيشيت، صنعت و حرفت پٺتي پيل هئي. يعني هو پنهنجي عوام لاءِ گهڻيون سهولتون فراهم نٿا ڪري سگهن. جڏهن ته انهن جا مخاطب ترقي يافته ملڪ هئا جن جا ٻه جدا گروپ هئا هڪ گروپ سرمايه دار دنيا ۽ ٻئي سوشلسٽ دنيا هئي. بون ڊرنگ ڪانفرنس دراصل غيروابسته ملڪن جو اجلاس هو، جيڪو سياسي معنيٰ ۾ وڌيڪ واضع هو جڏهن ته معاشي اعتبار کان هي ملڪ ٻين جي مقابلي گهٽ ترقي يافته هئا. ان هوندي به تاريخ اهڙن ملڪن کي ٽين دنيا جو نالو ڏنو. جيڪو غلط آهي. پر عام لفظن ۾ اها اصطلاح غريب ۽ پٺتي پيل ملڪن جي سڃاڻپ ٻڌجي ويئي آهي.

### ترقي جون صورتون

ترقي کي بنيادي طور ٻن صورتن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

1 مادي ترقي 2. غير مادي ترقي

### مادي ترقي:

مادي ترقي مان مراد اهڙي ترقي آهي، جيڪا طبعي طور تي محسوس ڪري سگهجي. مثال طور: معيشيت ۾ اضافو، دولت ۾ اضافو ۽ انفراسٽڪچر يعني ذرائع رسل وسائل، مواصلات، ابلاغ، پاڻي، بجلي گئس جي سهولتن ۾ اضافو، عمارتن جي تعمير ۽ ترقي وغيره. ان طرح جي ترقي کي مادي ترقي جي تعريف ۾ آڻي سگهجي ٿو.

### غيرمادي ترقي:

غيرمادي ترقي مان مراد اهڙين ڪيفيتن ۾ بهتري ۽ ترقي آهي جنهن کي محسوس ته ڪري سگهجي ٿو پر اها ظاهري طور تي موجود / نظر نٿي اچي. مثال طور: علمي، ذهني ترقي، انساني صلاحيتن ۾ اضافو، ثقافت جو ارتقاء وغيره. ان طرح جي ترقي کي وڌيڪ ڪجھ صورتن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. جيئن

(1) سماجي ترقي (2) انساني ترقي (3) ماحول جي ترقي

### ترقي جي صورتن تي مختصر بحث..

**معاشي ترقي** Gross Domestic Product

معاشي ترقي مان مراد آهي ته ڪنهن ملڪ جي مجموعي قومي آمدني ۾ اضافو ٿئي. مجموعي قومي پيداوار جنهن کي اقتصاديات جي علم/ ٻولي ۾ GNP (گراس نيشنل پراڊڪٽس) چوندا آهن. انهن ٻنهي اصطلاحن ۾ ڪنهن هڪ سال دوران ملڪ ۾ تمام تر پيداواري سرگرمين جو مالي تخمينو شامل هوندو آهي. انهن پيدواري سرگرمين ۾ روز استعمال ٿيندڙ شيون ۽ سرمائي جي شين سان گڏوگڏ خدمتن جو مالي تخمينو به شامل ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي GDP ۾ اضافو ٿي رهيو هجي ته چئبو ملڪ معاشي ترقي ڏانهن گامزن آهي. ان هوندي ڪنهن ملڪ جي معيشيت کي ترقي يافته قرار ڏيڻ لاءِ ڪجھ ٻيون ڳالهيون به مدنظر رکيون وينديون آهن.

- مجموعي قومي پيداوار
- عوامي بچت جي صورتحال
- مجموعي قومي آمدني
- هڪ ماڻهو جي آمدني
- ڏيهي ۽ پرڏيهي واپار جو فرق
- مهانگائي جا انگ اکر
- بيروزگاري جا انگ اکر
- سرمايڪاري جو لاڙو
- ملڪي ڪرنسي جو استحڪام
- قيمتن جو استحڪام

**سماجي ترقي** Social Development

سماجي ترقي مان مراد آهي ته ڪنهن به ملڪ جي معيشيت ۾ بهتري ۽ ترقي سان ان جي شهرين کي صرف هڪ حد تائين فائدو ٿي سگهي ٿو. ڇوته ٿي سگهي ٿوته ملڪ جي معيشيت ۾ بهتري سان ملڪ ۾ دولت ڪجهه خاندانن تائين محدود ٿي وڃي ۽ ملڪي دولت سان پوري معاشري کي فائدو نه پهچي، بلڪ ان جو حقيقي فائدو ڪجهه گروهن، طبقن يا فردن تائين محدود ٿي وڃي. ملڪي معيشيت ۾ اضافو ٿي به رهيو هجي ته ضروري نه آهي ته معاشري جا سڀ فرد ان مان فائدو وٺي رهيا هجن. بلڪ اهڙن ملڪن ۾ غريبن جو تعداد به ان ئي رفتار سان وڌندو آهي. ان ڪري سماجي ترقي جي اصطلاح جو تعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن جو بنيادي مفهوم هي آهي ته ملڪي معيشيت ۾ اضافي جا فائدا معاشري ۾ منصفاڻي بنيادن تي ورهايا وڃن. ٻين لفظن ۾ اهڙن شعبن ۽ اهڙن ميدانن ۾ ترقي جي رفتار تيز ڪئي وڃي جيڪي ماڻهن لاءِ ضروري آهن. مثال: بي روزگاري ۾ ڪمي ڪرڻ، شهرين کي بنيادي ضرورتن جي فراهمي ۾ بهتري آڻڻ، پگهارن ۾ اضافو، ٽيڪسن جي نظام ۾ اصلاح، روزگار لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ، ملڪ جي حڪمراني نظام ۾ بهتري، جمهوريت جو استحڪام، امن و امان جي صورتحال ۾ بهتري، صحت، تعليم وغيره ۾ بهتري، امتيازي ۽ تعصب واري سلوڪ جو خاتمو وغيره اهڙا قدم آهن جن جو مول مقصد سماجي ترقي آهي اهڙي طرح عوامي ثقافت جي ترقي سان پوري سماج کي فائدو ٿيندو. ثقافت ۾ ٻولي، ادب، هنر، فن، عقيدا، رسم و رواج ۾ ترقي ۽ بهتري کي شامل ڪري سگهجي ٿو.

**انساني ترقي**

انساني ترقي ۾ بنيادي طور تي ٻه پهلو موجود آهن.

(1) انساني اهليت ۽ صلاحيتن ۾ ترقي.

(2) انهن اهليتن ۽ صلاحيتن جي استعمال جي گهڻن موقعن ۽ امڪانن ۾ وسعت آڻڻ

**انساني اهليت ۽ صلاحيتن ۾ ترقي:**

انساني اهليتن ۽ صلاحيتن ۾ بنيادي طور تي انساني زندگي جا بنيادي جزن/ ضرورتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. جنهن سان ماڻهن جي سراسري عمر ۾ اضافو ٿي سگهي، صحت ۽ تندرستي ۾ اضافو ٿئي، موت جي شرح ۾ گهٽتائي اچي سگهي. ٻي ڳالهه انساني علم ۽ شعور ۾ بهتري ۽ اضافو آهي. اهڙي طرح انساني مهارتن ۽ فني صلاحيتن ۾ اضافي کي انساني ترقي جا بنيادي جزا قرار ڏنا ويا آهن.

ٽئين ڳالهه ماڻهن لاءِ بنيادي سهولتن ۽ ضرورتن جي حصول کي ممڪن بنائڻ لاءِ ڀرپور قدم کڻڻ آهي، جيئن انهن جي لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ، آمدني ۾ اضافي لاءِ قدم کڻڻ ۽ انهن جي حقيقي خريد و فروخت جي سگهه ۾ وسعت آڻڻ لاءِ اقدام ڪرڻ شامل آهن.



**اهليتن ۽ صلاحيتن جي گهٽجڻ موقعن ۽ امڪانن ۾ وسعت آڻڻ**

ان پهلو ۾ اهڙا ترقي پذير قدم شامل آهن جن جي ذريعي مناسب ماحول ۽ دوستاڻ فضا فراهم ڪري سگهجي ته جيئن ماڻهو پنهنجي صلاحيتن ۽ ترقي يافته اهليتن کي آساني سان استعمال ڪري سگهن. مثال طور: جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ لکين ڪروڙين هنرمند فرد بي روزگار گهمندا هجن ته اسان انساني ترقي جي ان پهلو کي نامڪمل چوندا سين ڇوته ماڻهن وٽ گهربل چاڻ ته آهي پر استعمال جا موقعا موجود نه آهن. جڏهن اسان مناسب ماحول جي ڳالهه ڪندا آهيون ته ان مان مراد سڀني ماڻهن لاءِ ڪنهن فرق کان سواءِ مناسب ۽ مساوي ماحول جي فراهمي آهي. جيڪڏهن ڪنهن معاشري ۾ صنف، مذهب، علائقي، يا قوميت جي بنياد تي ناانصافي ۽ امتيازي ورتاءُ رکيو وڃي يا انسانن جا بنيادي حق دٻايا وڃن ته اسان اهڙي ماحول کي غيرترقي يافته، غيردوستاڻ ۽ ناموافق چونداسين.

**ماحول جي ترقي**

ترقي جي هي صورت به محسوس ڪئي ويندي آهي پر ايتري نظر نه ايندي آهي جڏهن ته ان جي ضرورت ۽ اهميت مقدم آهي. ترقي جي ان شڪل ۾ طبعي ۽ جاگرافيائي ماحول شامل آهي.

چوندا آهن ته اسان قدرتي دولت ۾ اضافو نٿا ڪري سگهون، پر ان جي بي جا استعمال ۽ ذيان کي روڪي ان جي استعمال جوڳي عرصي ۾ اضافو ڪري سگهون ٿا. اهڙي طرح ڪجهه قدرتي وسيلن ۾ اضافو به ممڪن آهي. جيئن وڻڪاري ذريعي ٻيلن جو تعداد وڌائڻ، پاڻي جي بهتر حڪمت عملي وسيلي ذخيرن کي وسعت ڏيئي سگهجي ٿي.

Solid West Management جي ذريعي ڪجهه شين کي Recycle يعني ٻيهر استعمال جي قابل بنائي سگهجي ٿو. ۽ توانائي جون نيون صورتون به ايجاد ڪري سگهون ٿا. گڏوگڏ انهن جي استعمال ۾ به وسعت آڻي سگهون ٿا. اهڙيءَ طرح خشڪ سالي ۽ موسمن جي شدت کي تبديل نٿا ڪري سگهون، پر هٿراڌو طريقن سان انهن جي منفي ۽ نقصان ڪار اثرن کي گهٽ ڪري سگهون ٿا يا انهن نقصانن کي روڪي سگهون ٿا. ماحول جي ترقي کي انساني بقا ۽ نشونما لاءِ بنيادي طور تي لازم تصور ڪيو ويندو آهي.

**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن
بنگلو نمبر A-42 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي،
ايئرپورٽ روڊ سکر.
فون: (071) 5633516, 5633657, 5631629
فيڪس: (071)-5631791
ويب سائيٽ : www.srso.org.pk